## س.ا.س سٽي سکر.ڪام


# وِساري نہ ڇَڏِجو

## ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽي

## (ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com




E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# فهرست


❋ پهريون پنو (ٽائيٽل)

❋ ٻہ لفظَ

❋ مهاڳ (اَمر سنڌُو)

❋ دوها ۽ بيتَ

❋ غَزل

❋ گيتَ

❋ ترائيل

❋ نثري نظمَ

❋ وايون


**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ادل بابت اديبن جا رايا

- ❊ شيخ اياز
- ❊ تنوير عباسي
- ❊ امدادُ حسيني
- ❊ فهميده رياض
- ❊ تاج جويو
- ❊ پويون پَنو

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٻہ لفظ

## محترم دوستو......!

اسان کي اِهو ٻُڌائيندي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي تہ اداري سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽِي پاران ، سنڌ جي ناموَر ۽ سرموڙ شاعر محترم ادل سومري جي، "مُنهنجا خُواب" سلسلي جو ٽيون ۽ آخري (هن وقت تائين) مجموعو، "وساري نہ ڇڏجو" اوهان مهربان پڙهندڙن جي برقي پردي جي آڏو پيش آهي. ادارو، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽي اوهان سمورن دوستن جو بيحد شُڪر گُذار آهي جو اوهان اسان جي سمورن سلسلن کي بيحد پسند ڪيو.

اداري جي ہ اها هميشہ کان خُواهش رهي آهي تہ اسين اوهان کي سُٺي کان سُٺو ادب پڙهايون. ان ڏس ۾ جيڪڏهن اوهان دوستن کي ڪا تجويز هُجي تہ ڏيڻ فرمائيندا.

اسان اُميد ٿا ڪريون تہ اوهان پنهنجي راءِ کي پاڻ تائين محدود نہ ڪندا، ڇا ڪاڻ تہ اوهان جي اها راءَ ئي اسان جي ڇپائي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻن لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساٿ سلامت

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر

**عبداللطيف انصاري**

**شمس آباد سکر سنڌ**

فون : 0333.7146119

اي ميل ؛ abdullateefansari@yahoo.com

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com

abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# مهاڳ

”مُون کي غير حقيقي کان حقيقي، تاريڪيءَ کان روشني، موتَ کان ابديت ڏي وٺي هَلُ.“ (اپنيشد)

600 کان 400 قبل مسيح اڻڄاتل/نامعلوم شاعرن/ مفڪرن پاران لکيل اُپنيشد جي متين حوالي سان شاعريءَ جي مقصديت واري مُحرڪ کي سمجهائڻُ کان اڳُ ضروري ٿيندو تہ هندستاني فلسفي جي ابتدا ۾ لفظ/باب ”اپنيشد“ جو ڇيد ڪندو هلجي.

اپُ = ويجهو، نذديڪ، قريب + ني = هيٺ + شد = ويهڻُ
فلسفي توڙي شعري ادبيات ۾ انُ جو مفهوم ويجهو ٿي هيٺ ويهڻُ، معنىٰ گُروءَ جي قدمن ۾ نئوڙت سان ويهي وجود جي اَساسي ماهيت بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ آهي. هندستاني فلسفي ۾ اپنيشد يلي تہ ڪٿي ”برهما“ (خالق) جي وجودي، ڪائناتي جوهر جي بحث تي مُشتمِل هُجي، پر شعري روايات ۾ متين استعاري جو استعمال دراصل اُن رستي ڏانهن نشاندهي آهي، جيڪو مشرقي شعري روايتَ کي معنىٰ بخشي ٿو. اڄُ جڏهن معنويت ۽ مقصديت کان جماليات تائين جا سَيئي ذِڪر ۽ بحثَ پُراڻا ٿي ادبي نصابيات توڙي مُباحثن مان خارج ٿي چُڪا آهن، اڄُ جڏهن Post modernism جي ليبل سان سُجاڳيندڙ دؤر Deconstruction ني نظرئي وسيلي رُڳو ادب ئي نہ پر ارسطو، هيگل کان وٺي مارڪسي فڪر تائين (جنهن جو بُنياد ئي اَساسَ جي ماهيت تي رکيل آهي) جي سَموري فلسفي جي روايتي ورثي جي فڪري بُنيادن جا تاڃا پيٽا اُديڙيندو، فڪر جي بُنيادي اُصولن کي تهس نهس ڪندو، فڪر جي سَموري تاريخي ارتقا کي تاراڄُ ڪندو Mass

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

media ذريعي Popular Culture نو نئون فيشَن تي اُبريو آهي، تڏهن شعري روايت جي مقصديت کي معنيٰ بخشيندڙ 'اُپنيشد' واري مٿئين

استعاري جي استعمالَ تي جنهن ۾ گُروءَ جي قُربَت ۾ نِوڙجي اُن واٽ جي کوجَ جو بيانُ هُجي، جيڪا آڳُر جهلي موتَ ۽ فَنا ڏانهن ويندڙ غير حقيقي ڏَسائُن کان بچائيندي، ابديت جي روشن رستي ڏانهن وٺي هلڻ جي وِٿ ٿئي. ممڪن آهي ته شاعريءَ کي ان وِٿ سان ڏسڻ واري مُنهنجي نگاهَ ۽ پرکڻ واري پرچار تي اچوڪو پڙهندڙ ناگواريت محسوس ڪري، پر منهنجي نظر ۾ ان سچي بيان جو ذڪر ان ڪري به ضروري آهي ته شعري جوڙجڪَ سان شاعر جو شَعوري ۽ جمالياتي ڳانڍاپو ۽ اُن جو سماجي ادراڪُ ئي شاعريءَ جي ڪارج جا معيارَ مقرر ڪري ٿو. گهڻو ئي مُلهائتو ۽لاڀائتو پر عالمي ادبَ ۾ پرکَ وارو اِهو ڳرو پئمانو يا Frame of Analysis ڪٿي ادل سومري جي فَني ڳُتڪي جي ماپ تور ڪري، وڏي ٺُڪ ڪري ڇيڊُ ڪرڻ وارو اِهو ڏکيو ڪَمُ سنڌي نقاد ڏس Pass ڪندي، ادل سومري جي شاعري، جيڪا سماج جي نقاد طور نه پَر گُروءَ جي پيرن ۾ نئوڙت سان ويٺل، دل ديش جي ترجمانَ طور سامهون آئي آهي، اُن شاعري ۾ گهاڙيٽن، غزل جي گهاڙيٽي ۾ ماترائُن جي جاگرافي، وائيءَ جي ورد ۾ فَني باريڪ بينين تي جاگرافيائي حَدُن جا اثر جانچڻ وارو، وقت ۽ محنت طلب پوهيو ڪير به ڪري پر مُون لاءِ مُمڪن ناهي.

دل جي ويران دُنيا ۾ آباد سَوين بستيون، سندن ڏُوڙ ڏُوڙ مٽيءَ ۾ پُيُوت ٿيل هزارين پيچرا ۽ اُنهن پيچرن تي روان دَوان زندگين جا ڪروڙين قافلا، جنهن ۾ راهزن ۽ رهبر به گڏُ، ته ڪاٽ هٽِي مَن اندرَ جو سُک چينُ چوري ڪندڙَ چور جَڪا ۽ دل لُٽيندڙ لُٽيرا به شامل، جن کي ڏسي ۽ پرکي ته ڪاٻه اکِ سگهي ٿي، پر دل جي انهن مامرن تي اڪيلائپ ۾ روئي به ڇاٽي، سا فقط شاعرَ جي اکِ ئي ٽي سَگهي ٿي. جي اجان به اڳتي هلي اُها شاعري دل پچائي، مَنُ آلو ڪري، شاعريءَ جي اهڙي تاثير، ڪارساز زماني جي اُن

اڪيلائپَ واري جَهانَ ۾ جِتي ماڻهو ماڻهوءَ کان ڇڳل، دل دل کان ڌِنَل ۽ اک اک کان ڇرڪيل هُجي، يَسوع جي مسيحائيءَ وانگي مُئل مَنُ

جيئارڻندي زندگيءَ کي جاوداني بخشيندي آهي. ادل سومري جي شاعري وکَ وکِ تي وکريل زندگيءَ جا سمُورا عڪس، ميڙيندي لفظن ۾ مڙهندي، شفافُ آئينو بڻجي سماج آڏو بيهي تي رهي. زندگيءَ جي مُختلف ڪيفيتُن جيان، موضوع سُخن جي گُوناگُونين ۾ اهو مُمڪن ئي ناهي ته سندس شاعريءَ کي ڪنهن هڪَ موضوع جي هيڊنگ سان ڏسي سگهجي. سندس شاعريءَ ۾ سجايل سَوين ڪائناتُن جي سَون رنگن مان مون کي ڪو رنگُ اهڙو نٿو سُجهي، جنهن کي مان سندس شاعريءَ جي عنوان طور چوندي سگهان. فنِ لطيف ۾ جيتوڻيڪ موزيق جو ڪمُ، جيڪومختلفُ شيشن ۽ آئينن جي ننڍن ننڍن ترتيبيل ٽڪرن جي مدد سان ڪنهن ڊزائين کي پرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي. ادل سومري جي شاعريءَ لاءِ چَئي سگهجي ٿو ته اُها موزيق جي ڪم جيان مختلف موضوعن جي جُڙت سان ترتيب ڏنل، اُها ڊزائين آهي، جنهن ۾ هر شيشي ۾ پنهنجو جُدا عڪس ته ضرور موجود آهي، پر گڏيل طور تي اُهي جيڪا تصوير ڪَشي ڪن ٿا، تن کي زندگيءَ جا رنگ چئي سگهجي ٿو. مثلاً سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي مختلف هنڌَن، مڪانن ۽ ماڻهن لاءِ هڪ الڳ جاءِ آهي، ته سدا بهار گُلن جيان سدا بَهار رهندڙ شخصيتن لاءِ قُرب، عقيدتمندي جو خانو ئي جُدا آهي، سنڌُ جي ڪُکِ مان جَميل اهڙن شخصيتُن لاءِ ادل سومري جي شاعري فن جو Tribute پيش ڪندي لفظن جا گُلدستا ڪنيو بيٺي آهي. پوءِ اُهي ڪراڙ ڪنڌيءَ تي مٽيءَ سان سُتلِ پٺائي ۽ اياز هُجن، يا سنڌ جي سرحدن کان هميشہ لاءِ جَلاوطن ٿي ويندڙ اُتم مالهي يا هَري دلگير هُجن.

**اَجان سنڌ چالئہ نهارين ٿي واٽون**

**هو مالهي، اُتم ۽ هري ڪونہ ايندو.**

❉

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**متي موهن تنهنجي، جونہ هِتي پهتي.**

❊

**علي بابا ۽ ڪوٺڙي، ڏرتي جَمالو**

❊

**يَتي! تنهنجا يارَ، ڪَٽو ڪَٽو تي ويا.**

❊

**جيڪو آ تنوير لکيو، سو ٿانداڻي جي لاٽَ.**

❊

**هڪڙو شيخ اياز، سڏُڪا ساري سنڌُ جا.**

❊

ٽُتل تسبيحَ جي داڻن جيان ڪٽو ڪٽو تي ويل، سنڌ جي انهن خوبصورت هيرن جون تصويرُون، ادل سومري جي شاعريءَ جي البم ۾ لفظن سان مَڙهيون پيون آهن. رُڳو ايترو ئي چوءِ ادل سومري جا ڪيترائي بيتَ اياز جي تخليقن جي عنوانن ڪي امر ڪيون بيٺا آهن. اهو سندس شاعريءَ جو پنهنجي دؤر جي سڀَ کان وڏي شاعر کي عظيم خراج آهي.

شاعر جي دِل رُڳو لوڪُ ئي نہ پر اُهي ماڳ، مڪان بہ ساري ٿي، جيڪي سندس جيون سفر ۾ چانورا بڻجن ٿا، پوءِ اُهي ماڳ مڪان، لوڪ لاءِ مڙيئي شهر ئي هُجن، پر شاعر لاءِ اهي زندهہ تمثيلون بڻجي پَون ٿا. ادل سومري جي شاعريءَ ۾ اهڙين تمثيلن جو جا بجا ذڪرُ موجود آهي.

**سکر وانگي آهيان مان**
**تون آن روهڙيءَ جان**
**وِچَ ۾ پل آ پيارَ جي.**

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

❊

ماضيءَ جا ڪيئي
لَڪيءَ دَرَ تي
گيتَ لڪيل آهن.

❊

نينهن جبل جي چانوَ ۾ ، ڪوئي يادِ پَيو.

❊

سون ـ ميائڻيءَ جهڙيون شامون. ڪنهن تي پَل ڳڻيا

❊

پيرَ پهاڙي پيچرا، اڪيُون جڻُ ته اروڙ.

تحرڪ زندگيءَ جي علامت، رڙ/دانهن دردَ جي احساسَ جو آوازُ پر جڏهن ماٺ/سانت ئي ديش جو عنوانُ بڻيل هُجي، رُڳو جذبا ۽ احساس ئي نه پر ماحول به موت جيان ٺَري سردُ ٿي ويو هُجي، تڏهن شاعري زلفِ جانان جي پُرخم پيچن مان نڪري موت/ماٺِ جي علامتَ، ٿاريندڙ ٿڌِ جي خلاف مزاحمت جي ميدان ۾ ٽپي پرچار ڪري ٿي ته:

ٿڌ اڳيئي آهي شاعر گيتَ نه ٿڌڙا ڳاءِ
ٿاندن جهڙا لفظ لکي تون جذبن کي گرماءِ.

ٿاندن جهڙا لفظ لکي ڪو مَچُ مَچائي، ٻارڻُ ٻاري. ادل سومري جي شاعريءَ ۾ تحرڪُ جي اُن محرڪِ جي ڪَمي جيتوڻيڪ محسوس ٿئي ٿي، پر آڌيءَ رات اونداهيءَ ۾ پرين جي ڪَنن ۾ ڪيل سَرباٺ ۽ سرگوشيون به ڪڏهن ڪڏهن سُتل ماحول جاڳائي کُهاڙيون اُپيون

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪري ٿيون ڇڏين. پيارَ واري ان سرگوشيءَ ۾ ادل سومرو توريل تڪيل آهي.

گم ٿيڻ جو آهي خطرو اهڙي گهاٽي جهنگ ۾
تنهنجي وارن ۾ گهمي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

❊

رُڳو تنهنجي خاطر تنهنجي گهرَ جا ياتي
سَيئي مون سڏايا جنم ڏينهن َ تي.

❊

وَري پارِ توکي ئي وڃڻو آ سهڻي
هُو ميهارُ توڏي تَري ڪونه ايندو.

❊

ڪينَ ٿي مونکان سگهيو ڪو فيصلو
ريلَ تنهنجي شهرَ مان گذري ويئي.

❊

ٿهمتَن ڪان چولنوائين ٿو پيو
پارسائي ڪين ٿي ايڏي نَهي.

❊

شاعر عشق جي استعاري کي جيتوڻيڪ بغاوت بڻائي ڪين سگهيو، پر سندس شاعريءَ جي Out Line ئي پيار مان جُڙيل آهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مان ته تنهنجي پيار ۾ ويڙهيو پيو آن.
جڏهن ته ڪنهن هُبڪار ۾ ويڙهيو پيو آن.

❊

پيارُ منهنجو جي نَديءَ جهڙو نه هو
ساڻ تنهنجو به پَڪيءَ جهڙو نه هو.

❊

پيارَ ڪان جي ڌارَ آهي شاعري
سا به ڪهڙي يارَ آهي شاعري.

❊

مايا ڏي سنسارَ جو رستو
پنهنجو آهي پيارَ جو رستو.

❊

ويهين صَدي، جنهن جي ڪُکِ ۾ ٻن وڏاندرين جنگين جي زخمن سان گڏوگڏ سندس جسم تي جابجا نسلي، مَذهبي ۽ علاقائي جنگين جا چَهڪَ چمڪندڙَ هُئا. تنهن ايڪهين صَديءَ کي ورثي ۾ انهن اڻَ حل ٿيل جهيڙن/جنگين جي تاريخ سان گڏوگڏ مشينن جي انسانن تي فتح جو پئي پراڻو نه ٿيندڙ اُهو ڏُک پڻ ورثي ۾ منتقل ڪيو. جنهن ٽِي.ايس ايليٽ کان The Wasteland لکرايو ته ڪافڪا کان The Castle ۽ ڪاميو کان Outsider. انساني قَدرُ وڃائجي وڃڻَ وارو نوحو ۽ فرد جي ازلي تنهائي وارو عذابُ، Automization واري ايڪهين صَديءَ جي فنڪار وٽ پڻُ جيئن جو تيئن منتقل ٿيو. Automization واري دؤر رُڳو ماڻهو کُهيندڙ هتيارَ ۽

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بم ۽ بارود ٺاهي نه خلقيا، جن انساني وُجود کي پَٺي ناسُ ڪيو، پر هُن E-media وَسيلي اهڙو رنگين شهر ڪٽي گهرَ جي ڊرائينگ رُوم ۾ آباد ڪيو.

جو انساني سماج ۾ سماجي رشتن جي پُراڻي جوڙجَڪ جي سموري ترتيبَ ٿي بدلجي وئي. ان سماج جي اُن بدليل سٿاءَ ۾ 'دولت' دنيا جي سڀَ کان مَٿاهين قدر طور پنهنجي سُڃاڻپَ ڪَرائي ۽ اُن سان گڏُ دوستي، فنُ، پيار، محبت وارا سمُورا قدر کوٽي سِڪي جيان بي مُلهيا ٿي ويا. انساني تاريخ جي ان الميي تي شاعر جي ماتم ڪَدي کان وڌ ٻيلا ٻي ڪهڙي جاءِ هوندي، جِتي نُوحه خواهي به ڪَجي ته فضا روڄُ راڙو نه، پر اُن ۾ انسان جي نَئين مستقبل جا خُواب پڻ هُجن ٿا.

ڪهڙي به عنوان سان لڳي، جنگ فقط ۽ فقط انسان ماسُ کائڻ ڄاڻيندي آهي. تازو دهشتگرديءَ خلاف جنگِ جي نعري هيٺِ جا دهشتگردي مچائي، انساني ماس جي قيمت تي پنهنجي ڪاروباري جنسَ کي مُلهائتو بنائڻ واري ڊرامي تان نقاب رهَڙي اُڇلائيندڙ شاعر ڪين پنهنجي نثري نظم "اسان آسمان جو رنگ تبديل ڪرڻ ٿا چاهيون" ۾ وڏيڪ وائکو ڪري، ڪين لفظن جي آئيني آڏو بيهاري ٿو ڇڏي.

**ڪين سمجهايو ته**

**معتبر شخصيتن جا**

**پتلا ساڙڻ**

**۽ عظيم ملڪن خلاف ڳالهائڻ**

**دهشتگردي آهي.**

۽ اهڙي دهشتگرديءَ خلاف، جنگ جوٽيندڙن وَٽ مرندڙن لاءِ فقط اِهي دلاسا آهن ته،

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**هڪ ڏينهن مرڻو، سيني کي آهي**
**پر اسان ڪوشش ڪنداسين تہ**
**مرڻ وارن جو تعدادُ**
**روئڻ وارن کان وڌي نہ وڃي.**

جيتوڻيڪ نثري نظم سنڌي شاعريءَ ۾ اڃان گهڻي مقبول صنفَ ٿي نہ سگهي آهي، پر مون کي ادل سومري جي پابند شاعريءَ وانگر سندس نثري نظمن وارو پاڳو بہ سگهارو لڳو آهي. "مائرون فقط روئڻ لاءِ هونديون آهن." سنڌ جي اُن جاگيردارانہ ڪلچر، رتُ ۾ ڳاڙهن ڪُهاڙين، مرندڙ ڦٿڪندڙ ۽ بي ڪَفنيون دفن ٿيندڙن جي وچ ۾ غيرتَ واري راند جو بَظاهر ريفري نظر ايندڙ پر اصل ۾ آرگنائيزر 'سردار' جنهنجي بادشاهيءَ جو سِجُ شايد سنڌ تان ڪڏهن لٿو ئي ناهي، ان ڪردار جي مڪروهيت، جا جرڳن جي بازار ۾ اچا وڌيڪ مڪروهہ ۽ غليظ ٿي پوي ٿي، ها، انهن سردارن جي واتَ ۾ ڏَپَ نہ ٿيندي آهي ۽ نہ ئي ڪين اوچا ڳاٽَ پسند آهن. ها، پَر اِهوو بہ طئي آهي تہ جيستائين سردار لاءِ داڙُ جُڙي راسِ نٿو ٿئي، تيسيتائين ڳوٺ جُون مائرون روئنديون ئي رهنديون. سندس نظم 'نئون ناچُ' ان ئي منظر نامي جو هڪ پيو ايڪٽ ٿو لڳي، جنهن ۾ گڏڙ خوف، ڊپ جي علامت بڻجي ظاهر ٿئي ٿو. نظم 'ورثو' ايڪٽ ٽيون، ساڳي سنڌُ ..... ساڳيو ئي ڊرامو. 'زينب مارڪيٽ ۾ رکيل گُجُ' سرمايہ دار دُنيا جي نئين ناٽڪ، گلوبلائيزيشن جي پوتَ تي هڪَ پرپُور چَماٽَ، جنهن ۾ پورهيت جي پورهئي کان ويڳاڻپ جي مُلهہ تي ڪتيل جنس، دُنيا جي مارڪيٽ ۾ گهڻي مَهانگي ۽ پورهيو گهڻو سستو آهي. انهن سيني نثري نظمن ۾ ادل سومري جي سُڄاڻپ Soft

لهجي واري Semi Romantic شاعر بجاءِ زماني جي نبض شناس جيان ٿئي ٿي، جيڪي فقط روڳ جو پَتو ڏيڻ ئي ٿا چاهين پر اُن جي سببن کان پڻ

واقف آهن. عام، ڪڏهن ڪُهاڙو ڪڏهن ڪاتُ بڻجي؟ ان جا امڪانَ سندس نثري نظمن مان ضرور پَسي سگهجن ٿا.

ادبي سَماجي ميڙن ۾ هڪ ريت هلي آهاڻِ
هرڪو ماڻهو پاڻ ڪري ٿو پنهنجي ئي واکاڻ.

❋

علم وارن جي ادبي ميڙن ۾
مسخرن جون صدارتون آهن

❋

توکي جو تمغو مليو سرڪار کان
سو ڪَوي! تنهنجي خوديءَ جهڙو نه هو.

❋

پِين تي بيهي قداور بڻجَڻُ، مهمانِ خاص ۽ صدارتُن جا بيج پائي اسٽيج تي ڊگهيون ڪرسيون والارڻ لاءِ ٺونٺيون هَٽي اڳتي نڪرڻ، چاپلوسيءَ جي هُنر ۾ معراجُ ماڻي سرڪاري تمغن جي وُصوليءَ واري وهنوار سان سجايل ادبي ماحول ۾، هن شاعر جي خود شُناسي ۽ خود اعتمادي واري گُڻ کي ساراهڻ ۾ ڪنجوسي ڇو ڪجي، جيڪو چوي ٿو:

شعر برابر سِڪا ناهن پوءِ به آهيون ڏنوان

❋

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪَوتا جي ڳولا ۾ ٿياسين مرڪ. نگر کان دُور
ڏات اسان تي چانوَ نہ ڪَئي پَر نانوَ ٿيا مشھور.

❇

سوچَ مسافر وانگر پنھنجي ڪَوتا مارَڳَ رُڃَ
ڪيڏا گيتَ رچيا سي پويي آھــي اُھائي اُڃَ.

❇

توڙي جو شاعر انھن سِٽُن ۾ ڪَسرِ نفسيءَ کان ڪَم ورتو آ، پَر پاڻَ پڙھڻ واري خوشفھميءَ جي پيٽ ۾ اِھي سِٽُون وري بہ معتبرائپَ رکن ٿيون.

صائب ... فارسي شعر جو ترجِمو آھي تہ :

(صائبُ چوي ٿو تہ: شعر جي حُسن کي بہ شيون پيجي مَروڙي رکن ٿيون: ھڪڙِ ناشناس جي تعريفَ ۽ بِي، سُخن شُناسَ جي خاموشي!)

مان نہ سُخن شُناس شاعرن جي قطار ۾ بيٺل ۽ نہ ئي دانشوري جي ريس جي شَريڪ. اھو مُھاڳُ لکڻ وارو ڪُٽو مُنھنجي نالي ڪيئن نڪتو سو ادل سومرو ئي ڄاڻي، ھا پر ھڪ پڙھندڙ جي حيثيت ۾ (پڙھندڙ جيڪو ليکڪ وٽ عالمي ادب ۾ ڪنھن بہ وڏي نقاد کان وڌيڪ معتبرائپَ ماڻي ٿو) ادل سومري جي شاعريءَ جي پرکَ ڪندي، آخري لفظن طور اھو ضرورُ چوندس تہ انساني جذبن جي آڌار تي، انسانيِ زندگيءَ جي تصوير ڪَشيءَ جي بيانَ ۾ ادل سومري جي شاعري، ڪنھن ڳُوڙھي دانشورانہ اظھار بجاءِ سادو عوامي لھجو رکي ٿي، سُونھن جي رھبريءَ ۾ سندس ڪَوتا جو سفر، دانشورن جي ٽيبل تي بحث ھيٺِ اچي نہ اَچي، سنڌ جي ڳلين، گھِٽين مان

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گُذرندو هڪ عام ماڻهوءَ جي دل ۾ ديرو ڪرڻ جا سڀيئي سامانَ رکي ٿو ۽ جا شاعري ڪتابَن کان دلين تائين سفر ڪري چاڙهي، اُن جو سرجيندڙ پوءِ

چونہَ ڇَوي تہ:

**فنڪار اسين آهيون**

**هُنرڪارَ اسين آهيون.**

وايون، گيت، غزل هي آهن شاعري جا تحفا

**امر سندو**

چامشورو، سنڌُ

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# دوها

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# دوها

شعر برابر سڪا ناهن، پوءِ به آهيون ڏنوان،
ڪوئل ڪنهن لئہ ڳائي ٿي، سو ڇاسمجهن نادان.

پنهنجا خواب فقيرن جهڙا ڇَتيون ڇَتيون ويس
دردن جي ڪوهيڙي ۾ آ ڏنڌلو سارو ديسُ.

پيارُ ورهائي پريت نڀائي ٽيڻو آ انسانُ
جيسين واڳُهہ اندرَ ۾ جاڳي تيسين مان حيوان.

دنيا جي نظرن ۾ سستا، سچا سڀُ جذبا
وايون گيت غزل هي آهن شاعر جا تحفا.

سوچَ تہ آهي گهرو ساگرُ جنهن جو انتُ نہ پارُ
پنهنجي ئي تخليق تي ويٺو سوچي سرجڻهارُ.

ڪوتا جي ڳولا ۾ ٿياسي مُرڪ ـ نگر کان ڏُور
ڏات اسان تي ڇانوَ نہ ڪَئي پر نانوَ ٿيا مشهور.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پيرين اُگھاڙي پنڌِ ويو پئي، ڪنهن نہ سُڃاتو پيارُ
جسمن جي چاندوڪي ڳولي مايا جو سنسارُ.

وقت آهي وارياسو سپُنو پنهنجا گھايل نينَ،
ڪنهن ڪان خُوابَ اُڏارا گُھربا ويڙهي ويندا وينَ.

ادبي سماجي ميڙن ۾ هڪ ريت هلي آ هاڻِ
هرڪو ماڻهو پاڻ ڪري تو پنهنجي ئي آڪاڻ.

روڊِ ڪناري سُمهندڙ ماڻهو روز لهن ٿا خُوابَ
ڏُک جي سرحد ويجھو آهن مُرڪن جا تہ گُلاب.

ٿڌِ اڳيئي آهي شاعر ٿڌڙا گيتَ نہ ڳاءِ
ٿاندن جھڙا لفظ لکي تون جذبن کي گرماءِ.

سوچ مُسافر وانگي پنهنجي ڪَوتا مارڳُ رُڃَ
ڪيڏا گيت رچيا سي پو بہ آهي ساڳئي اُڃَ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هٿُ هٿن ۾ هوندو پنهنجو ويجهو ايندو ماڳُ
تنها مُشڪل آهي گُذارو جيون پنڌُ اُجهاڳُ.

تُنهنجن پيرن تائين منهنجي پيارَ جو آهي دنگُ
ڏرتي تنهنجيءَ چُنريءَ جو هان آءٌ بہ هڪڙو رنگُ.

باڪَ ڦُٽيءَ جو لات پکين جي ٽلين جو آواز
ماڪَ پنن تي گيت چَپن تي واءُ وڄائي سازُ.

ڪوهيڙي ۾ ديپَ ٻَرن ٽا اچٽين آهين تون
چيرون پائي شام نچي ٽي توکي ساريو مون.

اڪڙين مان تو گُل هو اُڇليو مُنهنجي جهوليءَ ۾
منهنجي مَنَ جو ٻارُ نچيو هو چڻُ ڪنهن هوليءَ ۾.

اجرڪَ جي ڦُلڙيءَ ۾ جيڏي هوندي آهي اَڇاڻ
منهنجي منَ ۾ اهڙو اُجرو پيارُ اوهان جي ڪاڻِ

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماں جي آهيان وڻُ تہ آهين تون ئي منهنجي ڇانوَ
پيارُ تہ آ پڳوانُ انهيءَ جا کهڙا کهڙا ناوَ.

راتِ رُني هُئي تنها ڪڪري چوڙي پنهنجا وارَ
پکي بہ جاڳيا پن بہ جاڳيا جاڳي پيا ها ڏارَ.

سمُندَ ڪنارا چند ستارا دلبر جون نظرون
پيرن کي ڪِتڪايون پائن ريشم جان لهرون.

برکا رُتَ ۾ تنهنجو جوڀن چڙُ ڪوئي طوفانُ
نينهن نديءَ ۾ منهنجي ٻُڏڻَ جو آهي ٿيو امڪان.

رڳَ رڳَ ۾ آ راڳ سمايل منهنجو روحُ رُبابُ
ڳاءِ تہ ٻنَ ۾ باهہ لڳي ڪا مونسان ڪر نہ حجابُ.

منهنجي مَن جون ڇوليون تولئہ ساگرَ ڏيندءِ ساکَ
اوسيئڙي جي روز ڦُٽي تي منهنجي اکين ۾ باکَ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جَنمن تائين جيئرو رهندو تنهنجو منهنجو پيارُ
تو ڪاڇي جي ڪُونجَ تہ آهيان مان تنهنجو هالارُ.

تنهنجي اُماڻيل ڪارڊ تي آهي چَپن جو نيشانُ
منهنجا چَپَ انهيءَ تي پهچي ڪيڏو ٿيا حيران.

اُٿي اُماڻيو تو جو آهي سوئيٽر پيار منجهان
اُن ڪي تنهنجي هٿڙن جو مان سپُنو ٿو سمجهان.

ساريون مُرڪون ميٺڙي تُنهنجي دَرَ تي آءُ رڪان
توڏي ايندڙ دردَن سان مان رستي تي ا ٿڪان.

پاڻَ هٿي وئي دَريءَ تان ۽ رکي وئي گُلدانُ
هر گُلَ ۾ هن جو ئي چهرو ڏسندي مان حيرانُ.

نيروليءَ جي پُٽَ ڪي پاتل نيرو آهي ويسُ
تُنهنجا نيڻَ بہ نيرا آهن نيرو پيارَ جو ديسُ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تو بن هر ڪا محفل ياسي مونکي ٿي بنواسُ
تَنَ تي سهڻا ويس ته آهن پرَ آ رُوح اُداسُ.

تنهنجون يادون جيونَ بنَ ۾ مونکي ٿيون رولِن
جوڳي بڻجي گيت هي منهنجا توکي ئي ڳولن.

پيار سِوا هي جيون سارو هڪڙو دوکو آ
درد مليو جو دلبر ڪان سو درد انوکو آ.

تون جي ايندين مُرڪي پوندي منهنجي گهايل شامَ
شام اندر ۾ اوتي ويندي محبت وارا جام.

پيار ۾ ڪهڙي هارَ اوسائين پيار ۾ ڪهڙي جيتَ
تُنهنجي پيرَن ۾ ته رکيا مون پنهنجا سارا گيت.

سانجهي ٿي آ تون به جهُڳيءَ ۾ پنهنجو ڏيئو ٻارِ
چندُ ڪو تنهنجو يارُ ته ناهين تنهن لئه ڪين نهارِ

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سُونهن جي ڪائي سانجهي ناهين سچ بہ ناهين شام
پيار پڪيئڙو گهايلُ توڙي اوچي آهي اُڏامَ.

سپُنا ڏيندءِ ساک تہ منهنجي تولئہ آهي نند
روز اچيو جاڳائن مونکي تنهنجي پيارَ جا گهندَ.

ڪيڏو پنڌُ ڪري مان پُهتس تنهنجي دَر اچي
تو پَر ڪين سُڃاتو مونکي نڪتو ساهُ سَچي.

تون بہ زماني وانگر نڪتين تون بہ نہ سمجهيو پيارُ
منهنجو هَرهڪ جذبو ٽيو آ تو وٽ ئي سنگسارُ.

تو بِن دل اسان جي ٿي چڻ خالي ڪو گُلدانُ
ٿُول ڪسي وئي دنيا ٿي پيو رُوح بہ ريگستانُ.

روز ڪري ٿو ڪيڏَ نَوان هي پنهنجي مَن جو ٻارُ
جيئن رُسون ٿا پاڻَ ۾ پيارا تيئن وڌي ٿو پيارُ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اُمن جو جھنڊو اوچو ھر ھنڌ محبت جا ملھار
ھانءُ نہ شل ماڻھوءَ جو ڪاتي ھيسائن ھٿيار.

شينھن جيان آ وقت سدائين نئون پُراڻو سالُ
مسڪينن جو ساڃيو آھي ھرڙيءَ جھڙو حالُ.

نفرت جي اوندھ جا رھندا ڪتي نہ ھاڻي پارَ
گھٽيون اسان جون روشَن رھنديون ڪُڏندا گڏجي ٻارَ.

سڪڻي شھرت خاطر ماڻھو ڪيڏو پاڻُ پتوڙي ٿو
سچُ نہ آيو سمجھ ۾ ھن کي ڪُوڙ پُنيان پيو ڊوڙي ٿو.

جو نہ سُڃاڻي ڪڏھن سگھيو اُلفت جو اُھڃاڻُ
پاپي مَن کي مندر ۾ ڀي ڪيئن ملي ڪلياڻُ.

پنھنجي مَن کي تيرٿ ڪر تون پنھنجي تندُ تپاءِ
سارا روڳَ اندرَ مان اُجلي محبت کي ڏي جاءِ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻارُ گهٽيءَ ۾ روئي ٿو پيو ان کي ٽون پرچاءِ
ڏينَ ڌرم جي ڏاڪڻ ۾ ٽون اُلجهين ٿو چالاءِ.

ڳوٺُ ٻہ جاڳي وڻَ ٻہ جاڳن، جاڳن ٿا ڏاڙيل
ڪيڏو آهي ڏٻُ هَوا ۾ ٿڙڪن ٿا رابيل.

راتِ رُلي ٿي رستن تي ۽ واءُ اُڏاري پَنَ
سرديءَ ۽ ورديءَ جي ڏَپَ کان هيسيل هيسيل مَن.

گهاوَن جهڙا ديپَ جَلي پيا شام پريا سُڏڪا
نانگن وانگي ويا وڪوڙي ٽنهنجا ئي اُلڪا.

سارُوٽين جي راتِ ٻَري آ مَن ۾ آتشدانُ
ٽنهنجو پيارُ اچي ڪو بڻجي برفاني طوفانُ.

ڏنڌُلا عڪس اکين ۾ ٽنهنجا ٽيڙن جي ٽم ٽم
ذهن منهنجي تي صدا رهي ٿي يادُن جي رمجهم.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مايوسين جي مند هَلي وئي هاڻ نہ ڪِٿ هيداڻ
هيل تہ ڦهلي آهي پنهنجي ڳوٺن ۾ ڳاڙهاڻ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# درازن جا دوها

تون ٿو سوچين ذهن تي پائي هڪڙي نديڙي ليڪَ
توکي سمجھ ۾ ڪيئن اچي پو سچل جي تخليق

ماڳُ فقيري دُور انهيءَ کان اوندھ جو استانُ
اکَر اکَر ۾ اُلجهي پَئي ٿو قاضيءَ جو ايمانُ.

دل جي ڌرتي ساري ڌوئي اهڙو عشق اُجار
جيڪو پيي اظهار ڪرين تون سوئي بڻجي پيارُ.

تُنهنجي هستي سَستي پَستي مايا تي مستانُ
سچل جي واديءَ ۾ ايندو عشق وارو انسان.

مُلان، پندت، گُروءَ جو آهي اٽپورو وشواسُ
رُتبن کي ٺڪرائي ڪر تون سچل جو ايياسُ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جڏهن درازن ۾ ڪاتاريون گُل هٽي گُذرن
گيڙو رنگ جا پوپٽ عاشق آتڻ ۾ اُڏرن.

مستيءَ مان آلاپي ويٺو راڳي موتڻ شاهه
مينهوڳيءَ ۾ مُرڪي پئي هُئي سچل جي درگاهه.

سچل جي ساڃاهه جي ڪڏهن ٿيڻي نه آهي مات
فتوىٰ جي خنجر سان زخمي ٿيندي ناهي ذات.

سڀَ ڪي آڇي پيارُ اهڙي آ سچل جي ٻولي
تون ٻه درازن آءُ ڀري وَڃُ گُلن سان جهولي.

دل جي ڪڙڪي کُلي پوي ۽ کهُلي ڪا تڏڙي هيرَ
يڪتاري جي تندُ تپائي سچُل ڳاءِ فقير!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ميرواهہ جا وڻَ پُڇن ٿا

## (تنوير عباسيءَ جي ياد ۾)

پوپٽ جهڙيون ڳالهيون جنهن جون گُلڙن جو اندازُ
پُرندي پُرندي ماٺِ ويو ٿي ڪوئي سُريلو سازُ.

ڪُليل رهيو جو سيني لئہ سو بندِ ويو ٿي دَرُ
ڪيڏو اُداسُ لڳي رهيو آ "سرمَدَ جو هي گهَرُ"

هُونئن تہ هر ماڻهوءَ جو آهي پنهنجو پنهنجو مانُ
مِيرن واري شهر ۾ مشڪل تو جهڙو انسانُ.

تنهنجون هي ساديون تخليقون اُجرا چِٽُ تہ پڪي
تُنهنجا شعر پڙهڻ سان پرچَي رُٺَل يارَ سَڪي.

موتئي جهڙو ماڻهو جنهن جو پيارَ نگرَ ۾ پيرُ
گُلن سان گڏُ جنهن چاهيو ٿي ڪَندن جو بہ خيرُ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪڪرن جهڙيون سارُون تنهنجون چانوَ سمُورا گَسَ
ڪيڏا تون تنوير چڏي وئين ڏاهپَ وارا ڏَسَ.

سونَ مياڻيءَ جهڙيون شامون ڪنهن ٿَي پَلَ ڳٽيا
موڪيءَ جي وارن جا گجرا تُنهنجا گيت ٻٽيا.

جيڪي آ تنوير لکيو سو ٿانداڻي جي لاٿَ
سارا رستا ردِ ڪري هن پنهنجي ورتي واٿَ.

سارُوڻين جي سمندبَ مان آئي منَ تي وير چڙهي
”رڳون ٿيون رُبابُ“ او سائين تُنهنجا گيت پڙهي.

توکان پوءِ ساٿي ويڳاڻا هرڪو ٿيو دلگير
مير واهَ جا وَڻَ پُڇن ٿا ڪاڏي ويو تنوير.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## بيت

سستن ڪتابن جو آ، صدر ۾ ميلو
۽ هو اڪيلو، ڪيسي ڪي جانچي پيو.

رات سنڌوءَ پَرِ تان، سڪرُ لڳو ايئن
سُهڻو گهوٽ جيئن، موڙَ ٻڌي ويٺو هُجي.

ويهي وَڻَ جي ڇانوَ ۾، مُوڙا ٺو ٺاهي
هُن جي گهُرَ ڇاهي، دال وٺي ٻه مانيون.

ٻُهاري رستن تي، ڦيري ٿي جمنا،
اُنهيءَ جا سپُنا، ڏنڌلا ٿي ويا ڏوڙ ۾.

بلُ رکي ٽيبل تي، سوچي ائين بيرو
ڇا پڻُ هي پيرو، خالي ويندو ٽپِ ڪان.

نَشي ڪارڻ ڪيترا، رُلي ٿو رستا
ڪيڏا ڪاڳَرَ تور ۾، هُن جا هِن سستا
پوءِ ٻه هُن ورتا، پئسا پُڙيءَ واسطي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سرڪاري پلاٽَ تي، جوڙيل ڪچا گهَرَ
گهُمي بلدوزر، سڀُ سُمهاريا پَٽَ تي.

راتِ رُناسين پاڻَ ۾، ٻاهر وٺو مينهن
ڏينهن ٿيو ته نينهن، پڌرو ٿي پيو پنهنجو.

ڏيهاڙي ٿا ڪيترا، مونڏي خطَ اچن
اکيون پرَ ڳولن، تُنهنجي ئي تحرير کي.

پکي ٻڇي پيارُ، ويٺو وَڻَ وُجود تي
سارو هي سنسارُ هاڻِ ته پيارو ٿو لڳي.

شعر پڙهندي اوچتو توسان نيڻَ مليا
وسري لفظ ويا، مون کان سڀُ اظهار جا.

جڏهن به گهرَ ۾ فون جي گهنٽي آهي وَڄي
مُنهنجي دلِ ٻڌي، تُنهنجو سَڏُ سمجهي ڪري.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پُهچي پرينءَ گهاٽَ تي، اکيون پُوريائين
۽ پوءِ ڏٺائين ساڻو ٻيلي ۾ سانوري.

منهنجي اندرَ ۾ جڻُ لهرون نچن ٿيون
ڊوڙيو اچڻ ٿيون، يادُون ٻيڙين وانگيان.

پيارَ سِوا او پادري! ديول ۾ دُونهون
اڃان اَسُونهون، تون آن انهيءَ واٽ ڪان.

توکي ڳوليندي پرين، وڪري ويس آنءُ
تُنهنجو مُنهنجو نانءُ، ملي ويا پاڻَ ۾.

اکيون پٿَرُ ٿيون، ڏسندي تنهنجي واٽ
گهاٽَ گهاٽَ تي لاٽَ، پيارَ پکيڙي روشني.

جي تون سمجهين ٿي، سُونهن سراسر سَچُ
پوءِ ته اوري اَچُ، کهڙو پيارُ پَري جو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي تُون سمجهين ٿي، سُونهن سراسرَ سَگهہَ
پوءِ انهيءَ جا اَگهہَ، ڪٿيئہ ڪهڙي ڳالهہ ڪان.

ڪيڏا ڏينهن گُذاريا، توسان گڏجي مون
پوءِ بہ آهين تون، ساڳي مون لئہ اوپِري.

سَدائين شوڪيس ۾، بند نہ رهندو ڪرَ
تُون بہ ڪنهن جي دَرِ وڃُ تہ ڪو توڏي اچي.

نيٺ اُڏوهي لڳندي، تنهنجي ڪُرسيءَ کي
تڏهن پوءِ توکي، ياد پَوندي دوستي.

گيتن کي گهوڙو ڪري چو تو ڊوڙائين
متان هارائين، شُهرتن جي گوءِ ۾.

*متي موهن تنهنجي، چو نہَ هِتي پُهتي
ڪونڙي سُڏڪي، سيني ڪان پيئي پُڇي.

---

*موهن ـــ موهن ڪَلپنا

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

علي بابا ۽ ڪوٺڙي، ڏرتي، جمالو
ساڳيو حَوالو، ٻنهي جو هَر جاءِ تي.

هاڻِ نہ گڏجاڻيون اُهي، هاڻِ نہ ساڳيا پارَ
*پَتِي! تُنهنجا يارَ ڪَٽو ڪَٽو تي ويا.

تُنهنجي سارَ سِوا، سالُ ويو گُذري
ورسي وئي وسري، تُنهنجن يارن کان پَتِي!

*پَتِي ـــ رشيد پَتِي

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# تَـرَ ۾ سوکهڙو

آڱريون اُپيون ڪري، نينگريون ڏوڙيون
ڪڪريون پوڙيون، سَڏُ سُڻن ئي ڪينَ تيون.

تاريڪيءَ جو جنڊُ، ”داڻو داڻو“ تو چوي
مايوسين جو منڊُ، ڪيسين رهندو ديسَ تي.

روڻيءَ ڏاران رُجَ، ڇهرا چؤنرن پرسان
ڪڏهن لهندي اُجَ، واريا سي وُجودَ جي.

واريءَ ۾ ويڙهي، توهَر تا آچين
جذبا تا ماڀين، ڏائڻ جهڙا ڏينهڙا.

مُهراڻيءَ مان موڻيا، اُجارا مهمان،
پهرَ هُئي ڪانه، اونڌا گهَڙا اوطاقَ ۾.

ننڊَ نگر ڪان ڏُور، ننگر جون هي نينگريون
سپُنا پَگل ڪينگريون، سُڪلَ کوهَ اکين جا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# وساريو نہ ڇڏجو (اُدل سومرو) موڪليندڙ؛ عبداللطيف انصاري سکر

اڄُ ٻہ پوڙهيءَ آ ڪنئي، پاڙيءَ آکاڙي
اکين ۾ پاڙي هَرَ هَرَ هُن کي ٿو اچي.

وڻَ وڍيندڙ ڪيترا، پوکيندڙ ٿورا
پونءِ مٿان پورا، چانوَ وڃي ٿي ڪسڪندي.

ڇَرَن ڪيئن چارو، سُڪيون سڀُ وليون
ڍِگِن جون ٿَليون، ڇڙُ تہ روئن ٿيون پيون.

منهنجي حصي جو ٿون، مونکي ڏي پاڙي
ڪُوڙي آکاڙي، اُجَ اُجهائي ڪين ٿي.

اڄان ٻہ اتهاسَ جا، هيٺن سان راڳا
پاڳين جا پاڳا، ڏاڍا ڪائي ٿا وڃن.

همت ۽ ڪُجهہ حوصلو، ماروئڙا مسڪين
سدا رهنديون ڪين، هي وطن جون حالتون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# نينهنَ جَبلَ جي چانوَ ۾

نينهنَ جَبلَ جي چانوَ ۾، ڪوئي يادِ پيو،
جنهن هو ڪالهہ چيو: "دل ۾ تون ئي تو وسين."

ڇهري تي ماڻار ۽ مَنُ سچو ڦاڪُون
ڪاش سمجهين تون، نينهن جَبلَ جي دردَ کي.

چيو نينهنَ جبلَ، مونکي هڪڙي شامَ
"سمنڊ کي سلامَ، سومرا! ساري ڏجانءِ."

پيرَ پهاڙيءَ پيچرا، اکيون چڙُ تہ اروڙ
ٻوڙ اجان پيي ٻوڙُ محبوبن جي ماڳ ڏي.

ديويءَ جي مندرَ مان پوڄاري نڪتو
ساڳيو ئي رستو، ويو پَئي مسيت ڏي.

گهايلَ ڪائي دانهن، ڪنهن جا ڪالههَ ڪئي
اڄُ بہ گُونجي پَئي، گهٽين منجهہ اروڙ جي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ساروٽين جا دل تي، گهوڙا تا ڊوڙن
مون کي تا پوڙن، سپُنا نيري سَمُنڊ ۾.

ڏُونگر سچي تاريخ جي، ڇهري تي آهي
ڏاهو ڪو ڏاهي، ڪارڻهن ان ڪتابَ جي.

مينهن پُڇاڻان پارڙا، سڪا تا ڳولن
پڪي تا پولن، گيتُ ڪوئي اتهاسَ جو.

روهڙي سوڙهي آ، دل نہ سوڙهي ڪَرِ
عشق اچئي جي دَرِ، ان جي ڪر تون آجيان.

ويهي پِٽَ اروڙ تي، پٺيءَ* پئي سوچيو
ڪيڏو يَرَ پوڳيو، پنهنجي ڏُکي ديس آ.

لٿو سِجَ اروڙ ۾، سوچيندي توتي
شام وئي اوتي، گيڙو رنگ اکين ۾.

*نينهن جبلُ ـ اروڙ جو مشهور تاريخي جبل
*رشيد پٺي ـــ مشهور اديب ۽ ڪهاڻيڪار

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# مُرڪيو پٽ ڏٽي

”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“، گونجي ٿو آواز
هڪڙو شيخ اياز، سُڏڪا ساري سنڌُ جا.

”واٽون ڦُلن ڇانئيون“، اکين اوسيئڙا
هئہ هئہ جوڳيئڙا، ڪهڙي پارِ هليا ويا.

ڪڏهن ساحل تي هُئين، هاڻ نہ آهين تون
”سانجهيءَ سمندَ سِپون“ ، گهايلُ سجُ ٻُڏي ويو.

”ڪَپر ٿو ڪُنَ ڪري“، اندرَ ۾ ڇوليون
ڏوليون ئي ڏوليون، ڪانڌي تنهنجي ڪنڌ تي.

”اُڀر چندُ پسُ پرين“ سُتو آهي جو
اُنهيءَ جو سُڏڪو اجان جاڳي ٿو پيو.

”گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا“، ۾ بيدل ٿو ڳائي
هرڪو لڪائي، ڳوڙها ٿو پنهنجا اُگهي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

"ڪتين ڪَرَ موڙيا جڏهن"، توکي مون ساريو
۽ پوءِ گُذاريو، صُبح تائين جاڳندي.

ڪڪرين جي ويسَ ۾، ڳوٽائون ڇانئيون
"وڇون وسَڻَ آئيون"، وَري اڄُ ڪراڙَ تي.

او مِٺيءَ جا ميتَ! تون بہ تہ نيٺ سُمهي پئين
"الوداعي گيت"، سُڏڪن ۾ ويا ويڙهجي.

"ڪٿي تہ پجبو ٿَڪُ مسافر" ، باقي ٿورو پنڌُ
سڀَ ڪان سهٽو هندُ، پاڙو آهي پرينءَ جو.

ڪنهن لئہ واجهائي پيو، "راج گهاٽَ تي چنڊُ"
سارو ننڊيو ڪنڌُ، ويڙهيل آهي ننڊ ۾.

"جڳُ مڙيو ئي سپُنو" ، انُ ۾ پيارُ ورهاءِ
جوڙ نہ اهڙي جاءِ، جنهن ۾ پلجن نفرتون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

"چوليون ٻوليون سمنڊَ جون" ، جي نہ سمجهين ٿو
ٻوءِ تہ ڇئبو تو، ڪڏهن پيارُ ڪيو ناهي.

پيارَ جي ڳولا ۾ ٿو، "ٻونر ٻري آڪاس"
مُرڪ نہ آئي راس، هُن ڪي ڦولن وچ ۾.

"چنڊَ ڳليون" ، هي ڪيترون ۾ مان اڪيلو
توسان ٿئي ميلو، ٻَلُ تہ اونداهيون هُجن.

تُون آئين تہ دل جي، "رڻَ تي رمجهم" ٿي
دَري دَردن جي، بندِ اسان لئہ ٿي وئي.

"هينئڙو ڏاڙهونءَ گُل جيئن" ، تو سنگ آهي ٽڙيو
چو آ لوڪُ ڇڙيو، پرين پنهنجي پيارَ تي.

"تُون ڇَپرُ تُون ڇانوَ" ، تُون ئي منهنجو آسرو
پرين تُنهنجو نانءُ، ٻيو ڪُجهہ گهرجي ڪين ٿو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”پتڻُ تو پُور ڪري“ ، تولئہ ناڪُئا!
تنهنجا سڏَ هُئا، الائي ڪهڙي گهاٽَ تي.

”اڪن نيرا ڦُليا“ ، ويرانيءَ ۾ واءُ
آءُ مُسافر آءُ، تَر ۾ تولئہ ترٽلو.

”ڪُلهي پاتم ڪينرو“ ، تنهنجي وئي ڪان پوءِ
ڇڏيم پنهنجي لوءِ، نڪتسُ تنهنجي پوئتان.

سُڏڪا ءِ آهون، ”جهُڙ نيٽئون نہ لهي“
سنڌُ سڄي ڌانهون، ڪوي! تنهنجي موتَ تي.

”سَرَ لوهيڙا ڳِپيا“ ، راتيون تنهائي
علڻَ جي وائي، ڦَٽَ اُڌيڙي تي ڇڏي.

ويون وڪوڙي ڪيتريون، مونکي ”نندَ وليون“
توسان ڪين سَليون، جاڳي دل جون ڳالهيڙيون.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ساڏيلي جي شامَ ۾ ”ڪنڌيءَ ڪناري ناوَ“
نيڻن جا هي جامَ، ڇُلڪيا ڪنهن جي سارَ ۾.

”ڪُونجون ڪَرڪَن روهَ تي“ ، آءٌ بہ ائين اُداسُ
تو بن راتِ اُماس، توڙي ڪيئي روشنيون.

”هرڻ اڪي ڪيڏانهن؟“ ، چؤڏس شڪاري
سندڙِي ويچاري، آهيڙين جي اکِ ۾.

”ٽڪڙا ٽُٽَل صليب جا“ ، گهايل پنهنجا خوُاب
اونداهين جا بابَ، پُورا ٿيندا ديسَ جا.

ٽڙنديون هي ٿاريون وري، ”پن ڇڻ پُڇاڻان“
موسمَ جا ماڻا، مٿيءَ سان رهندا ائين.

”لڙيو سِجُ لڪن ۾“ ، پنهنجو ٿَڪُ ڪَٽي
مُرڪيو پِٽَ ڏَٽي، ڏسي شيخ اياز کي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪيڏا اڄُ ڪراڙ ۾ ”جَر ڏيئا جهُمڪن“
ويٺا ڳالهيون ڪن، شاهُه، اياز پاڻَ ۾.

*ڏنگين ۾ شيخ اياز جي ڪتابن جا نالا آهن.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# غزل

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سُونهن تنهنجو عظمتون ساڀيون رهيون
عاشقن لئہ تهمتون ساڀيون رهيون.

گُلَ سيئي مغرور توڙي تي ويا،
پوپٽن جو چاهتون ساڀيون رهيون.

جي رهيا خوددار تن لئہ ديس ۾
ٺوڪرُون ۽ ذلتون ساڀيون رهيون.

ڪيتري تبديل دُنيا تي وئي
پنهنجي گهرَ جون حالتون ساڀيون رهيون.

رُوپ ڌاريو جن هتي شيطان جو
تن بندن لئہ نعمتون ساڀيون رهيون.

دل ويچاري وئي مَجي منهنجو چَيو
پرَ اکين جون عادتون ساڀيون رهيون.

تي وئي رُسوا جهُڳي منهنجي مگر
تُنهنجي گهَرَ جون حُرمتون ساڀيون رهيون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هُن تي ڏنو ڏَريءَ ڪان ۾ مينهن تي وسيو.
بيٺو رهيس اُتي مان ۾ مينهن تي وسيو.

ان ڪان وڏيڪ ڪهڙو مون لئہ عذابُ هوندو
گُذري وئي هو پرسان ۾ مينهن تي وسيو.

تُون مان هياسين تنها ۾ چؤڏس هُيون هَوائون
پن تي چٽيا وٽن تان ۾ مينهن تي وسيو.

توري تہ ڳالهہ هئي تون ناراض تي وئين
مونيس مان تو وٽان ۾ مينهن تي وسيو.

هڪڙو ئي لفظ توڪي مون فون تي چيو
آئينءَ تون جَل پريءَ جيان ۾ مينهن تي وسيو.

ڪي دردَ ها جي دل تي حملو ڪري ها آيا
ڳڏجي رُنس مان توسان ۾ مينهن تي وسيو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پيارُ منهنجو جي نَديءَ جهڙو نہ هو
ساٿُ تُنهنجو ئي پَکيءَ جهڙو نہ هو.

مورَ جو ڪنبُ مون اکين تي هو رکيو
پرَ اهو تنهنجي سَڳيءَ جهڙو نہ هو.

شهر وارو گهرُ ڪُشادو هو پلو پرَ
ڳوٺ ۾ پنهنجي جهُڳيءَ جهڙو نہ هو.

مون فقيري رُوپ ڌاري هنئي صَدا
ڏانءُ تنهنجو پرَ سَخيءَ جهڙو نہ هو.

توکي جو تمغو مليو سرڪارِ کان
سو ڪَوي! تُنهنجي خوديءَ جهڙو نہ هو.

بس ائين ئي لوڪ سان ڌِڪجي ويا سي
حالُ پنهنجو نئين صَديءَ جهڙو نہ هو.

سومري جو مانُ ۾ نالو تہ هو پَر
پير ۾ تُنهنجي جُتيءَ جهڙو نہ هو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڳُلُ تاريءَ مان ڇني پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.
سازَ جون تارُون ڇُهي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

تنهنجي مُورت ۾ اڃا ڪُجهه رنگُ هو رهجي ويو
بُرش ڪاوڙ مان ڀَڃي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

تو لکيو چاهي اُنهيءَ ۾ بَس اُها هُرڪُر رَهي
ڊائري تنهنجي ڪٽِي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

دردُ جي ناهي ته پو هي پيارُ ڇا ۽ سُونهن ڇا؟
خُوابَ خوشين جا اُٽي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

بي سبب هي ڪاڳرن تي ڇا نه ڇا لکجيو وڃي
پين سان ڳڏجي ڏُڪي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

ڏَپَ جي ڪنهن ولِ اندر ناهي ڦُٽو ڳُلُ سچَ جو
ڪوڙ ڏي تورو ڪڇي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

ڳُم ٽيڻ جو آهي خطرو اهڙي ڳهاٽي جهنگَ ۾
تنهنجي وارن ۾ ڳهُمي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

زندگي توڪان سوا ڀي مان ڳُذاري تو سگهان
خط ۾ جملو لکي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پيارَ ڪان جي ڏار آهي شاعري
ساڳ ڪھڙي يار آهي شاعري.

لفظُ هرڪو هُن جو نالو ٿو لڳي
چڻُ پريٖن جي سارَ آهي شاعري.

ٿھڪَ ۽ خوشبو ورهائي ۽ ڪڏهن
دردَ جي دستارَ آهي شاعري.

سُونهن آهي زندگيءَ جو سازُ ڪو
۽ اُنهيءَ جي تارَ آهي شاعري.

من اندرَ ۾ گھاوَ ڏيندي ٿي وڃي
ڪا گُجهي تلوارَ آهي شاعري.

يادِ جا پنڇي اچي جنھن تي لُڏن
سا گُلن جي ٽارَ آهي شاعري.

هونئن تہ ساري لوڪَ کان ويندي کَٽي
حُسن آڏو هارَ آهي شاعري.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سارَ تنهنجي اچي پوءِ ٻُڏي تي وجي.
دل تہ منهنجي نچي پوءِ ٻُڏي تي وجي.

تون جي آهين تہ آهي اها عاشقي
تون وڃين ٿي تہ سَچي پوءِ ٻُڏي تي وجي.

تنهنجي نيڻن جو سانوڻ جڏهن ٿو وسي
دل جي بستي ڪچي پوءِ ٻُڏي تي وجي.

عشق آتش فشان دل نديو ڳوٺڙو
آسَ هرڪا پَچي پوءِ ٻُڏي تي وجي.

ڪوڙَ جو سمندِ جنهن پَل ٿو اُٿلي پوي
ڳالهہ هر ڪا سچي پوءِ ٻُڏي تي وجي.

تنهنجي اکڙين جا ڇُلڪن جڏهن جام ٿا
دل جي صراحي ڪچي پوءِ ٻُڏي تي وجي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي دلين ۾ روشني آهي اجان.
دوستين ۾ روشني آهي اجان.

پيارَ جا ناتا سُجاڻي ٿيون سگهن
ڪُجهه اکين ۾ ۾ روشني آهي اجان.

ڪوبہ آکيرو نہ ٿيو مايوس آ
جو پکين ۾ روشني آهي اجان.

آهي ڏيرو پيار وارن جو جِتي
تن گهٽين ۾ روشني آهي اجان.

راهہَ پنهنجي راتِ ڪيئن روڪي سَگهي
ڏِسُ ٻنين ۾ روشني آهي اجان.

ڏُک ڏيئن جان ٻَرن ٿا صبح شام
جهُوپڙين ۾ روشني آهي اجان.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تو سِوا مون کي لڳيون سڀُ اوپريُون
شهرَ تنهنجي جون گهٽيون سڀُ اوپريُون.

ڪوبہ چهرو ڪين تو پنهنجو لڳي
لفظ لهجا ۽ اکيون سڀُ اوپريُون.

ڪين پُلجي پيي نهاري تو ڪڏهن
اُلفتون مون ڏي وڌيون سڀُ اوپريُون.

ساٿُ اوندهہ آ ڏنو هر موڙَ تي
ٿيون حياتيءَ ۾ بتيون سڀُ اوپريُون.

ڊِنڊَ تي مونکان پُڇي مان ڪير هان
ڳوٺ رستا ۽ ٻنيون سڀُ اوپريُون.

دوستن جا دَرَ سيئي خاموش ها
پرَ کُليون مون لئہ دَريون سڀُ اوپريُون.

ڳوٺ اجڙيل ۾ گُذاريم زندگي
رونقون مون لئہ رهيون سڀُ اوپريُون.

شاعري مونکي سُجاڻي ڪين تي
چڻُ سٽون آهن لکيون سڀُ اوپريُون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جيڪو سمندَ سُڏڪي لهرن تي لکيو هو.
اُهو گيتُ پيڙين ڪپَرَ تي لکيو هو.

اوهان آڳ ٻاري جشن هو ملهايو
اسان دردُ پنهنجو اڱر تي لکيو هو.

اُجايل چپن جو هُيو ذڪر جنهن ۾
هوائن سو نوحو ڪڪرَ تي لکيو هو.

پرين تنهنجي پيرن جي هيٺان اچي جئن
تڏهن نانءُ تنهنجي پٿر تي لکيو هو.

الڳ راءِ رکندڙ هيو هڪڙو ڏاهو
اُنهيءَ سَچُ پنهنجو زهر تي لکيو هو.

”ناهي گهرجَ تنهنجي اچڻَ جي هتي“
تو مون لئہ چو پنهنجي درَ تي لکيو هو.

هتي جوتِ منهنجي آهي کهڙي ڪم جي
اهو جملو ڏِيئَي قبر تي لکيو هو.

مونکي دوست جيئرن ۾ ڳڻجو نہ هاڻي
تُنهنجي موتَ جي مون خبر تي لکيو هو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪنھن سَمي ساھن ۾ ھڪڙي سانوري ھوندي ھُئي.
خوابَ ھا پاڳل سيپئي دل چَري ھوندي ھُئي.

ھُن جي آڏو استعارا سڀُ ھوندا ھا شرمسار
ھن جي گھرَ ۾ چِڻُ تہ پانھي شاعري ھوندي ھُئي.

ھُوءَ اکين سان ھُئي ڪندي منھنجي سَدائين آجيان
لوڪَ آڏو ظاھري پرَ اوپري ھوندي ھُئي.

ڪوبہ سُڏڪو دڙُ نہ تو پُلجي ڪڏھن دل جو ٿَپي
اڳُ تہ نيڻن جَل ھُئا جو جَل پَري ھوندي ھُئي.

واءُ ۾ رابيلَ جي مھڪار نچندي ھُئي جڏھن
اوچتو پوندي ڪُلي ھُن جي دَري ھوندي ھُئي.

ھاڻي لکندي چو الائي آڱريون سوچن پيون
وقت ھو جو مَسُ قلم ۾ ڊائري ھوندي ھُئي.

زندگي مونکي مُنجھائي ڪين ھئي ڪنھن پَل سگھي
سُونھن جي مون کي سدائين رھبري ھوندي ھُئي.

موڪلائڻ ڪان سواءِ ئي ھُوءَ جڏھن ويندي ھُئي
سا گھَڙي جيونَ جي چِڻُ ڪا آخري ھوندي ھُئي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اوهان جي اچڻ تي بتيون خُواب ٿيا ها.
گُلن جون اوهان لئه پَتيون خُواب ٿيا ها.

جڏهن پائي گجرا اڱڻَ ۾ سُتينءَ تون
تڏهن منهنجا تارا ڪَتيون خُواب ٿيا ها.

ننگي پيرين جيونَ اسان ڪي ڏُڪايو
مگر ڏينهن تَتي جو ڇِتيون خُواب ٿيا ها.

سڄي رات نيڻن ۾ ٽاندا ٻريا تي
ڇِڪيا تي جليا جي سَتيون خُواب ٿيا ها.

جڏهن تون ڏڪاريون تہ پيرن ۾ تنهنجي
سيئي منهنجا اُجرا رَتيون خُواب ٿيا ها.

اسان جي اُميدن جي قاتل وڳي تي
توري وقت لئہ چڻُ ڇَتيون خُواب ٿيا ها.

جڏهن چارَ اوندهہ وطن ۾ اُٿيا تي
تڏهن پوءِ اسان جا بتيون خُواب ٿيا ها.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سُونهن وارا دور ٿيندا پيا ويا.
چڻُ سهارا دُور ٿيندا پَيا ويا.

تنهنجون ٻانهون منهنجي لئہ ڇوليون هيون
پـــــر ڪنارا دُور ٿيندا پَيا ويا.

ريلَ جي ڪڙڪين منجهان هُن ڳوٺ جا
سڀُ نظارا دُور ٿيندا پَيا ويا.

تو ڏنو ٿي پيارَ مان مون کي جڏهن
دردَ سارا دُور ٿيندا پَيا ويا.

لُڙڪ نيڻن ۾ اچي مُرڪڻَ لڳا
يارَ پيارا دُور ٿيندا پَيا ويا.

هُو ٿَري ڪيڏو نہ ٿيندو ويو اُداس
ڪڪر ڪارا دُور ٿيندا پَيا ويا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سومرا! هي توکي ڇا آ ٿي ويو.
هر اکر تنهنجو خطا آ ٿي ويو.

جنهن کي جوڙڻ ۾ لڳا ڪي ورهيہ ها
لفظ هڪڙي سان ڳيا آ ٿي ويو.

منهنجي جذبن جا سَدا ڏيئا اُجهيا
تنهنجو لهجو ڇو هَوا آ ٿي ويو.

مان آهيان اُن شعر وانگي دوستو
قافيو جنهن کان جُدا آ ٿي ويو.

هُو ڪڏهن هو معتبر ڪوئي ڪتاب
هاڻي رَديءَ جا پَنا آ ٿي ويو.

ڇوڪري تنهنجي اکين جي شهر ۾
شخص هڪڙو لاپتا آ ٿي ويو.

تنهنجي دُوري دل ۾ خنجر ٿي هڻي
هي وڇوڙو ڇڻُ سزا آ ٿي ويو.

ايترو ٻوڳيو آ هُنجو هاڻِ هُو
دردَ جي ڪائي ڪَٿا آ ٿي ويو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

منهنجي منَ ۾ زلزلا چو تي ڪرين.
تُون اکين سان حادثا چوتي ڪرين.

مان ته ٻڌجي وڻُ نهاريان واٽ تو
دير تون ايڏي هَوا چوتي ڪرين.

پيار ۽ سائنس جو ڪهڙو واسطو
تُون تجربا ايترا چوتي ڪرين.

ڪين جي ڪنهن سان نڀائي تي سگهين
واعدن ڪي تون ڳيا چوتي ڪرين.

هي ته آهي پاڻ ۾ جو مامرو
تُون ٻين سان هي ڪٿا چوتي ڪرين.

آڳريون ڪُجهه پاڻَ ۾ ڳالهيون ته ڪَن
تون انهن کي ائين جُدا چوتي ڪرين.

گهارِ تنها ڪُجهه ڏهاڙا اي نَدي
تون پکين جا آسرا چوتي ڪرين.

دردَ وانگر پيار پي پرپُور ڏي
اُلفتُن ۾ مرحلا چوتي ڪرين.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دوستيءَ کي روشني سمجهي اسان
ڪلهه وياسين راهَه ۾ رُلجي اسان.

پيار واري شهر ڏي ويندي سَڄڻَ!
ڪين پوندا سين ڪڏهن ٿڪجي اسان.

هُو ويا سڀُ هيڪلو مون کي ڇڏي
ڄڻُ وياسين ساٿَ مان ڪٽجي اسان.

زندگي توسان نيايون ٿا اچئون
هونئن ويا هُون دردَ ۾ لَٽڪي اسان.

هُن ڪَئي مُرڪي سين جي آجيان
پر وياسين ميڙَ مان رهجي اسان.

تون نہ ٿو چاهين تہ پو تو وٽ پرين!
ڪين ايندا سين ڪڏهن پُلجي اسان.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ساڏُو ٻيلي جو پوڙهو ساڏُو سوچي ٿو.
وڻَ ٿا سوچن آخر ڇا هو سوچي ٿو.

آءٌ ته ان ۾ پاڻَ ئي اٽڪُ ٿو چاهيان
تُنهنجي اکين جو چالئه جادو سوچي ٿو.

خواب اسان جا رستي ۾ ڪيئن ٿَڪجي پيا!
راهوڪيءَ ۾ فاضل راهُو سوچي ٿو.

ڪنهن به ڪم جي مون لئه ناهي آزادي
منهنجو هينئڙو تو وٽِ قابو سوچي ٿو.

ماڻهوءَ جي دل واقعي گهَرُ خُدا جو آ
پنهنجي شاعريءَ تي اڄُ باهُو سوچي ٿو.

منهنجي گهٽين ۾ گهُمندو هو اُستاد ڪڏهن
ياد ڪري ماضِيءَ کي دادُو سوچي ٿو.

تُنهنجي سُونهن جون سينگاريُون ڪيئن ڦاسائي
منهنجي مَن ۾ ويٺل گهاٽُو سوچي ٿو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوءَ تہ سڀُ ڪجُهہ چاڻي ٿي.
پوءِ چو درد اُماڻي ٿي.

اهڙي اڳُ ۾ ڪانہ هُئي
جهڙي آهي هاڻي ٿي.

هيڪل جندڙي هُن ڪي ساري
خوابن ڪي پئي واڻيَ ٿي.

تون جو ناهين، دنيا سائين
تيرَ اسان تي تاڻي ٿي.

چاندوڪيءَ جي لهرَ هوا ۾
تُنهنجون يادون آڻي ٿي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حاويليءَ ۾ هڪڙي چولي ڦٽڪي ٿي.
شايد اُن ۾ ڪائي پِرولي ڦٽڪي ٿي.

ڪوئل پاڻُ الائي ڪاڏي اُڏري وئي
وڻَ تي پو پيي ان جي ٻولي ڦٽڪي ٿي.

سانجهيءَ ڏاري ٽَڪل شڪاري سَرهو آ
ڊِنڊَ پکين جي اُجري ٽولي ڦٽڪي ٿي.

اَڄُ ٻہ سُتل آ جَکرو پنهنجي بنگلي ۾
دروازي تي خالي جهولي ڦٽڪي ٿي.

سمنڊ جا نيرا نيڻَ اُجارا ياسِن تا
ٿَر جي منَ ۾ جڻُ ڪا چولي ڦٽڪي ٿي.

ڪاريءَ جو آواز اُجهامڻ وارو آ
رائيفل جي ناليءَ ۾ گولي ڦٽڪي ٿي.

محبوبن جا ڊِنگَ بدلجي ويا آهن
*سچل تنهنجي هاڻِ گهڙولي ڦٽڪي ٿي.

---

* سهٽي يار دي گهڙولي پردي هان............. سچل

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پيارَ جي اتهاسَ ۾ پوڳيان پيو.
ڇڻُ صدين جي تاسَ ۾ پوڳيان پيو.

ويجهڙن کان دل پري ٿيندي وڃي
اڻَ ڏٺن جي آسَ ۾ پوڳيان پيو.

هَر خوشي خنجر هٿي ٿي آس کي
دردَ جي بنواسَ ۾ پوڳيان پيو.

بي سبب توکي روئاري مون ڇڏيو
هاڻِ ان احساسَ ۾ پوڳيان پيو.

تنهنجي نيڻن ۾ جو هي مهراڻ آ
مان انهيءَ جي پياسَ ۾ پوڳيان پيو.

دُور ڌرتيءَ کان رهڻ جي هي سزا
اجنبي آڪاسَ ۾ پوڳيان پيو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جتِ ڪتابُ آ رکيو
اُتِ گُلاب آ رکيو.

تو اکين جي چانوَ ۾
چو حجاب آ رکيو.

مون گُناهه پوکيا
تو ثوابُ آ رکيو.

بي سُرن جي ديس ۾
تو رُبابُ آ رکيو.

مان کيان تو پيار ۾
تو حسابُ آ رکيو.

زندگيءَ ۾ توسوا
بَس عذابُ آ رکيو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪيسين دردَ پنهنجي دلين ۾ دُڪايون.
اوهان ڪي نہ سائين! تہ ڪنهن کي ٻُڌايون.

نہ ڏيئو آ روشن نہ ڪَکُ پَنُ بچيو آ
هوائن اسان سان ڪيون هِن پلايون.

شرابن ۾ وهنتل اوهان جا غزل هِن
متيءَ هاٽيون آهن اسانجون هي وايون.

اسان پنهنجي پاڳن جون هيسيل هي هرٽيون
زماني جي بگهڙن کان ڪيسين بچايون!

تنهنجو نانءُ اُچارڻ عبادت اسانجي
سِوا ذڪر ان جي گهڙيون سڀُ اجايون.

اهو عِشق آهي حجابن کان اڳتي
آهي پيار توسان، پَلا چو لڪايون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پڙهيون مون تہ آهن گھَٽن جون ڪهاڻيون.
هَوائُن پڏايون وَڻَن جون جون ڪهاڻيون.

مُسافر ڪي رستي جي مِٽيءَ ٻُڌايو
پنهوارن، ڏنارن، ڏٽن جون ڪهاڻيون.

گُلابن جي مند ۾ اُجايل رهيا جي
ٻڌايون انهن ئي چپن جون ڪهاڻيون.

ٽتي دل مجي جو اوهان سان ڪجن ها
اوهان ڪان ئي مليل ڦٽن جون ڪهاڻيون.

تُون ڏاتن، هَرن ۽ جندن ڪان پُڇي ڏسُ
لڦُن سان سجايل هٽن جون ڪهاڻيون.

اسان پنهنجو ورثو نہ سانڍي سگھياسين
فخر سان ڪيون ٿا وڏن جون ڪهاڻيون.

سَدا اُيُ آهي ستارن سان مُرڪيو
۽ ڌرتيءَ جي دل ۾ دُکن جون ڪهاڻيون.

منهنجي حياتيءَ ۾ باقي بچيون هِن
اوهان جي اُماڻيل خَطَن جون ڪهاڻيون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

زندگي ڀيو ڀي گهٽو ڪُجهہ چاهي ٿي.
چا ٿيو جو هُوءَ تُنهنجي ناهي ٿي.

چڻُ تہ آهيان مان مٽيءَ جي مُورتي
پاڻَ ٽاهي پاڻَ ئي هُوءَ ڊاهي ٿي.

اڳُ تہ اهڙي ڪانہ هُئي هُوءَ سانوري
بي رحم هاٿي ڀلا ڇو آهي ٿي.

ڪنهن کي ڊاهڻَ جا ارادا ٿي رکي!
روزُ جو هُوءَ پاڻَ کي ائين ٽاهي ٿي.

پيارَ جو هي ڪرشمو آهي جو هُوءَ
پاڻَ کان وڌ ڪنهن ٻئي کي چاهي ٿي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

باڊَل جي دلداريءَ تي.
ٿَري سُمهي پيو واريءَ تي.

ڪين رهيو ويساهه وٽن ڪي
طوفانن جي ياريءَ تي.

واهُر بدران بيانَ ڇپيا هِن
ليڪڪ جي بيماريءَ تي.

ڏاڍو ٿيو افسوس آ مونکي
سوچَ تنهنجي درٻاريءَ تي.

پڻَ سمورا ڀڪي پيا هِن
ڪوئل ويٺي ٿاريءَ تي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ساوڻَ جا برساتي سپُنا.
تي ويا چڻُ ڪِهَر ياتي سپُنا.

ننڊ اڪيليءَ سان ڪمري ۾
ڀڪجي ويا اڌَ راتي سپُنا.

رات جي ڪارن نيڻن مان
پائن تا پيا جهاتي سپُنا.

گهايل ويندا نيٺِ ڪَري هي
سايبائن جي چاتي سپُنا.

نيڻن ۾ تيزابُ ڇٽي ويا
سُهڻيءَ جا محلاتي سپُنا.

پاڻَ اچن پَلُ پاڻَ اچن
ڪين ڪَپن خيراتي سپُنا.

مون سان تي ناراض ويا هِن
تو وانگي جذباتي سپُنا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

روشني اونداهہَ ۾ گُم ٿي وئي.
دوستي ويساهہَ ۾ گُم ٿي وَئي.

سِجَ جي ڪرڻَن منجهان گُذري هَوا
چِڻُ ٽڏي وڻراهَ ۾ گُم ٿي وَئي.

حُسنَ جي ناراضگي ٿي زلِزلو
عاشقي اوڙاههَ ۾ گُم ٿي وَئي.

نفرتون هڪ جاءِ تي گڏُ ٿيون جڏهن
دُشمني هڪَ ٿاهہَ ۾ گُم ٿي وَئي.

ڪيتري معصوم هُئي ۽ بيخبر
ڇوڪري جا چاههَ ۾ گُم ٿي وَئي.

ڪو پکي ترسي نہ ٿو ڪنهن لام تي
آشتي پيچ ڊاههَ ۾ گُم ٿي وَئي.

گُلَ فقط اسٽيج تي رهجي ويا
شاعري ساراههَ ۾ گُم ٿي وَئي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وارياسو وٺڪارُ تي سمجهي.
مُرڪي ڏسڻ کي پيارُ تي سمجهي.

مون ڏي ائين نهاري تي جڻُ
تاريخي آثار تي سمجهي.

مان تہ هيُس مجبور مگر هُوءَ
محبت جو غدار تي سمجهي.

ڪنهن جي دل ٽوڙڻ کي شايد
جيون جو وهنوارُ تي سمجهي.

منهنجا لُڙڪ سُڪي ويا آهن
هُوءَ چو تارون تارُ تي سمجهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جنهن ۾ سمندُ سَمايل آهي.
سوئي اندرُ گهايلُ آهي.

پنهنجي ليکي مُرڪي ويٺو
شايد هي بہ ستايلُ آهي.

راڳي گيتُ ڳِڌاءِ نئون ڪو
هي تہ ٻين جو ڳايل آهي.

سارنگيءَ جي سيني جهڙو
مون ۾ دردُ سمايل آهي

چنڊُ تارن جي ڦُلن پرسان
چِڻُ ڪو ٻارُ ٻُڪايل آهي.

آءُ تہ گڏجي ڪلي وٺون ٻئي
هڪڙو ٿهڪ بچايل آهي.

ٻي ڪنهن سان اڄُ ملڻو ناهي
پرين اسان وٽِ آيلُ آهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مان تنهنجي پيار ۾ ويڙهيو پيو آن.
جڻُ تہ ڪنهن هُبڪار ۾ ويڙهيو پيو آن.

ياد پيو ڪُجهہ ڪين تو مونکي رَهي
تنهنجي ئي مان سارَ ۾ ويڙهيو پَيو آن.

ٿهڪ تنهنجا تو ٻُڌان جڻُ تو لڳي
مان ٽڏي وٽڪارَ ۾ ويڙهيو پَيو آن.

شام جو اچڻي آن تون ۽ مان هتي
صبح کان سينگار ۾ ويڙهيو پَيو آن.

ذهن ۾ جڻُ نظرين جي جنگ آ
سوچَ جي سنسار ۾ ويڙهيو پَيو آن.

آس اڏرڻ جيءَ پکين جيان هُئي مگر
حالتن جي ڄارَ ۾ ويڙهيو پَيو آن.

تُنهنجي ڪاوڙ ڪربلا مون لئہ بَڻي
دردَ جي دستارَ ۾ ويڙهيو پَيو آن.

جڻُ سُڪل ڪنهن نانَ جيان مان تو سِوا
رديءَ جي اخبار ۾ ويڙهيو پَيو آن.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شهرَ پنهنجي ۾ هُئي جا زندگي.
ڪنهن اسان کان سا کَسي سا زندگي.

روڊ تي لڪجي وئي رتُ جي لڪير
ڪنهن جي ڪاتي ۾ لڪي سا زندگي.

ڪيترا آهن دُکي شاعر مگر
گيتَ تنهنجا ئي چون ٿا زندگي.

ساهَ ۾ ويساهُ ڪيڏو آهي پرَ
سنڌُ کان پياري ڪَبي جا زندگي.

جنهن ۾ آهي موتَ جو ئي انتظارُ
سابه سڏبي ڇَڏُ ڀلا ڪا زندگي.

مان مڃان ٿو خوبصورت آهي مگر
تو سِوا هيءَ جا ڪجي ها زندگي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سُونهن جي هڪ سانوريءَ موهي ڇڏيو.
واٽ ويندي ڪامڻيءَ موهَي ڇڏيو.

تُنهنجي ڪاوڙ ۾ لڳي پياري مگر
رنگَ تنهنجي ٿامڻيءَ موهَي ڇڏيو.

رُوپ سڀُ تخليق جا سُهڻا هُئا
مون کي پَر تن جي ڏٽيءَ موهَي ڇڏيو.

نفرتن جي هن وڏي شمشان ۾
پيارَ جي هڪڙي ڪٽيءَ موهَي ڇڏيو.

حُسن جي ميلي ۾ ڪيئي جَل پريون
هُن مگر هڪڙيءَ جَٽيءَ موهَي ڇڏيو.

چڻُ تہ پيرن سان لتاڙي دل وئي
هر ادا سان ناچڻيءَ موهَي ڇڏيو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

کيسي ۾ جي سپُنا ٽَئي
ٽولئہ ڏکيا رستا ٽئي.

ڏکَ وڇوڙا هي اوسيئڙا
محبوبن جا تحفا ٽئي.

تُون تہ ويو هُئين خوشين پويان
ساڳيا دردَ ئي آندا ٽئي.

تُنهنجون صدائون بي معنىٰ هِن
رهبر ٻوڙا گُونگا ٽئي.

ڪيسين گهايل پير ڪندين هي
اڳيان سمورا پاڇا ٽئي.

ڇالئہ ڳوٺُ ڇڏي ويو آهين
شهرَ ۾ ڪهڙا پنهنجا ٽئي.

مُرڪي تو هي پاتا هِن پرَ
نانگن جهڙا تمغا ٽَئي.

پنهنجي انا سان دفَن ويا تي
قبرن تي بَس ڪُتبا ٽئي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مُنهنجي اکين ۾ پاڻي ڪونهي
هاني ڪابہ ڪهاڻي ڪونهي

ڪيئن چئي ها دردُ اسانجو
دل آ پيارا چاڻي ڪونهي.

سارا لفظ ڪُتي ويا آهن
دريائُن ۾ پاڻي ڪونهي.

تُنهنجو پيارُ مليو جي ناهي
چڻُ تہ حياتي ماڻي ڪونهي.

مُنهنجي ڪوتا جوڳياڻي آ
ڪا شهزادي راڻي ڪونهي.

آسَ تي جيون گُذري ويندو
خوابن جي تہ پُڄاڻي ڪونهي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اوپرن جيان هُوءَ هِتان گُذري وِئي.
يادِ ڇڻُ ڪا ذهنَ تان گُذري وِئي.

سجَ صُبحَ جو دَرُ اچي ڪڙڪائيو
راتِ ساري دردَ جيان گُذري وِئي.

مون تہ واٽون سڀُ نهاريون پَئي مگر
هُوءَ الائي جي ڪِٿان گُذري وِئي.

جنوريءَ ۾ جُون جهڙي ڪا چُمي
ڇڻُ ڇپن جي پَر منجهان گُذري وِئي.

تنهنجي وَئي کان پوءِ ٿيو احساسُ هي
زندگي ڇڻُ مون وٽان گُذري وِئي.

گهوٽَ سان گڏُ ڪارِ ۾ هوءَ ڪامڻي
ڇڻُ تہ منهنجي دل مٿان گُذري وِئي.

ڪينَ ٿي مونکان سگهيو ڪو فيصلو
ريلَ تنهنجي شهرَ مان گُذري وِئي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون وٽ جا پرياتِ ٻري ٿي.
اُن ۾ تنهنجي باتِ ٻري ٿي.

سڀئي آکيرا روشن آهن
ڏُسُ ته پکين جي لاتِ ٻري ٿي.

چنڊُ ٻه شايد تڪجي پيو آ
جوين جي اڌَ راتِ ٻري ٿي.

گيتُ نه اوندهه ڳڙڪائيندي
اجا ته پنهنجي ذات ٻري ٿي.

تُنهنجي سوڀَ اُجهامي ويئي
ليڪن منهنجي ماتِ ٻري ٿي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## وسارڻ نہ ڇڏجو (اُدل سومرو) موڪليندڙ: عبداللطيف انصاري سکر

مايا ڏي سنسارَ جو رستو.
پنهنجو آهي پيارَ جو رستو.

ساجَن ڏي جو رستو آهي
سوئي آهي دارَ جو رستو

هيءُ بہ هڪڙي سوڀَ اٿئي
يارَ لئہ وڃي هارَ جو رستو.

تُنهنجي آئَي تي ويو آهي
منَ ۔ بَرَ ۾ وٺڪارَ جو رستو.

پٿر ڪندا شيشا جنهن تي
دلبَر جي ديدار جو رستو.

مُنهنجون ٻانهُون ڦهليل آهن
تو ورتو انڪار جو رستو.

تُنهنجو نانءُ رکيل آ اُن تي
سارو آ هُبڪار جو رستو.

عشق سِوا هي ڪُلندو ناهي
شاعر لئہ اظهارَ جو رستو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هِي بي رنگ جيون رنگا رنگُ چوليون.
ڏُکن جي ڍَھر ۾ ٿَريلين جُون ٽوليون.

سياري جُون راتيون اُهي ئي تہ ساڳيون
مگر مَچَ ميڙا نہ ڳالهيون پروليون.

روئي پاڻَ ئي ٻارَ چُپ ٿي سُمهن ٿا
رهيون يادِ ناهن مگر ڪنهن کي لوليون.

ڪوئي ٻوٽو پوکڻ وڏي ڳالھ آهي
هوٽلَ ۾ ڳالهيون ڪرڻُ يارَ سوليون.

صدين کان سَوالي حَويليءَ جي دَرَ تي
هي معصوم اکڙيون ۽ خالي ڪي جهوليون.

وئي آهي گُم ٿي خبرَ ناهي ڪيڏانهن
اچو مُرڪ پنهنجي اسان گڏجي ڳوليون.

سَدا مهڪ موتئي جي نچندي رهي آ
اسان جي اڱڻَ ۾ ڦٽيون ڪيئي گوليون.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هي ڌرتيءَ جي ٻولي وساري نہ ڇڏجانءِ
ٻلي دوست ڪيئي تون ڳالهاءِ ٻولِيون.

وڃَي دل اسان جي تي رنگين ٻڻجي
جڏهن توسان گهاريل اچن يادِ هوليون.

”اچا سمُنڊ پوڙهو تيو ڪين آهي“
ڪناري ڪي مُرڪي ٻُڌائن تيون چوليون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تو جا اکين سان ڪَئي آ.
ڳالھ وڏي سا وَئي آ.

دل ۾ جاڳي دردُ تو
مُرڪ چپن تي پَئي آ.

پيارَ جو گيتُ لکي ۽ تون
هُن کي هٿَ ۾ ڏئي آ.

چاهتَ بي رنگ جيون ۾
رنگَ وکيري وَئي آ.

”مونکي ايڏو سارِ نہ تون“
چندَ پرينءَ کي چَئي آ.

جنهن نہ مُحبت ڪَئي آ
تنهن وٽ ساري رَئي آ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## وسارڻ نه ڇڏجو (اُدل سومرو) موڪليندڙ: عبداللطيف انصاري سکر

جي ٻه دردَن جُون ساعَتون آهن
عشقَ تُنهنجون عنايتون آهن.

روبَرو دوستيءَ جون دعوائون
دِل ۾ ڪيڏيون رَقابَتون آهن.

شُهرَتُن جو سَهارو چاهين ٿو
عارضي سي ٻه اڏاوَتون آهن.

تُنهنجي نظرُن مان جي ڪِري پَياسين
جاتَي ڪاٿَي مَلامتُون آهن.

ٿهڪ ميلا ۽ هي وڇوڙا ئي
زندگيءَ جُون عَلامَتون آهن.

علم وارن جا ادبي ميڙَن ۾
مسخَرن جون صَدارتُون آهن.

ڪا خبر ناهي ته ڪِٿي آهين
تُنهنجون خُوابن ۾ زيارتون آهن.

هاري مزدور جا ڪيل پورهيا
ديس! تنهنجون عبادتُون آهن.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

راتيون جاڳي ڏُڪندو آهيان.
گيتُ تڏهن ڪو لکندو آهيان.

عڪس اکين ۾ سُونهن جا آهن
خُواب نگر ۾ رهندو آهيان.

دل جي پيڙي پُرزا پُرزا
لهر لهر سان لُڇندو آهيان.

پيارَ جو هڪڙو لفظُ جيئاري
نفرت سان مان ڏَهندو آهيان.

اندَرَ ۾ جڻُ سمُنڊُ آ ڪوئي
چوليون چوليون ڇُلندو آهيان.

هتيارن جي پرواهہ ناهي
تُنهنجي اکين کان ڏِڄندو آهيان.

توکي ساري آءٌ اڪيلو
وَلَر پکين جا ڏسندو آهيان.

جتڪا لفظ سنياري تُنهنجو
پنهنجي ليکي ڪِلندو آهيان.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوءَ ٻه اَڇاڻُ ٿيندي پَئي وَڃي.
ذهنَ ۾ ڇڪتاڻِ ٿيندي پَئي وَڃي.

مُون اُڃايل واسطي هوءَ جَل پَري
ڪربَلا چاڪاڻِ ٿيندي پَئي وَڃي.

هُن ڪان مُرڪي موڪلائُيم هاڻِ پَر
اکُين ۾ آلاڻِ ٿيندي پَئي وَڃي.

هونئن تہ ڪيئي رنگَ آهن هر طرف
تو سِوا پيلاڻِ ٿيندي پَئي وَڃي.

ناںءُ تُنهنجو مون فقط آهي ڪنيو
ڪمري ۾ سُرهاڻِ ٿيندي پَئي وَڃي.

سوچَ تي آلودگيءَ جو هيءُ اثرُ
دلين ۾ ڪاراڻ ٿيندي پَئي وَڃي.

تُون رُٺي آهين تہ مُنهنجي رُوح ۾
دردَ جي چاندڻ ٿيندي پَئي وَڃي.

تُون مِلي آهين تہ منهنجي هر گهَڙي
خوبصورت هاڻِ ٿيندي پَئي وَڃي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

فنڪارَ اَسين آهِيون.
هُيڪار اَسين آهِيون.

جا عشق آهي پاتي
دستارَ اَسين آهِيون.

گھرُ ناهي ڪو جن جو
سي يارَ اَسين آهِيون.

ڪنهن پيارَ ڪهاڻيءَ جا
ڪردارَ اَسين آهِيون.

توکان ئي ويا وسري
چو يارَ اَسين آهِيون.

انياءَ جي سيني ۾
تلوارَ اَسين آهِيون.

ڪنهن سازَ پُراڻي جي
ڇنُ تارَ اَسين آهِيون.

تي دردُ ڏئي دُنيا
دلدارَ اَسين آهِيون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تُنهنجي دَرَ تي ساهي آهي.
اُن ڪان اڳتي ڪاهي آهي.

تُنهنجي مُرڪ ملي آ مونکي
جيئڻ لاءِ اِلاهي آهي.

هڪڙو پيارُ سلامت رهندو
سارو سانگُ تَباهي آهي.

تُنهنجي مُنهنجي دل جي وچ ۾
پُل مون هڪڙي ٺاهي آهي.

ڪڏهن بہ وچڙي ويندا سين
رُوحُ تہ رڻَ جو راهي آهي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مان ڪڪرَ جو رُوپ ڌاري تو اچان.
شامَ تُنهنجي لاءِ ٺاري تو اچان.

منظَرن ۾ رنگَ تا پرجي وڃن
تُنهنجو چهرو جي نهاري تو اچان.

توسان گڏجڻ جو بهانو جيئن ملي
ڪُجهہُ نہ ڪُجهہُ تو وٽ وساري تو اچان.

ريشمي ڪنهن خُواب جيان مونکي لَڳَن
ڪي گهَڙيون تو وٽ گُذاري تو اچان.

جهولَ ۾ ڪُجهہُ ٿهڪَ آڻي تُنهنجي لئہ
دردَ سڀُ گهرَ ۾ سُمهاري تو اچان.

حادثن جو هر طرف آهي هُجوم
سُونهن تُنهنجي ئي سَهاري تو اچان.

ڪنهن ٻہ مونکان نانءُ جو آهي پُڇيو
نانءُ تُنهنجو ئي اُچاري تو اچان.

کهڙي رستي کان اچين ناهي خبر
گُل مان هر هنڌ پَٿاري تو اچان.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اوهان جي اکين ۾ اشارا ٿا مُرڪن
۽ خيالن ۾ مُنهنجي نظارا ٿا مُرڪن.

”گهٽي وقتَ ڪانپوءِ وريو ڳوٺِ آهين“
ڇئي مونکي رستا ۽ چارا ٿا مُرڪن.

حياتيءَ جي مشڪل ۽ ظالم گهڙين ۾
اوهان جي ڏنا سي سَهارا ٿا مُرڪن.

اوهان جي ڳلن جي گُلابن کي ڏسندي
اُجايل چپَن جا ڪنارا ٿا مُرڪن.

اکين ۾ اُنهن جي رهيو لُڙڪ ناهي
ڏسي توکي بادَل اُجارا ٿا مُرڪن.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نيڻَ اوهان جي نيڻن ۾ جو اَٽڪي پَيا.
اُن ڪانپوءِ بَس صدمن ۾ جو اَٽڪي پَيا.

وڇڙڻ ويلي ڪينَ مون توسان ڳالهايو
لفظ نڙيءَ جي رستي ۾ جو اَٽڪي پَيا.

ڪيڏا ٿي مايُوس ويا هُو ڪَن پَل ۾
لغڙَ ٻارن جا ڪندبن ۾ جو اَٽڪي پَيا.

ماڻهن تائين پهچن آخر ڪيئن ڀَلا؟
گيتَ اسان جا تمغن ۾ جو اَٽڪي پَيا.

سالگره جو ميڙُ لڳو پَئي مصنوعي
پيارَ اسان جي لفظن ۾ جو اَٽڪي پَيا.

ڪنهن جي دل جو دُر ڪڙڪائي ڪين سگهيا
خُواب اسان جا پئسن ۾ جو اَٽڪي پَيا.

مون ته اچڻُ ٿي چاهيو تُنهنجي شاديءَ ۾
تُنهنجا واعدا پيرَن ۾ جو اَٽڪي پَيا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اُجڙيل دل جي ويراني ڪنهن ڪونہ ڏٺي
خيالَ سپن جا رنگن ۾ جو اَٽڪي پَيا.

رقصُ انهيءَ جو رُڪجي ويو هوءَ ٿڪجي پَئي
وارَ هَوا جا جهُڳٽن ۾ جو اَٽڪي پَيا.

ٻاهر ٿي برسات وسي سا ڪيئن پَسُون
پنهنجا عقيدا جو حُجرن ۾ جو اَٽڪي پَيا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جيڪو مون وٽ رهجي وَيو توکان ڪِتابُ.
تُنهنجون ٿو ڳالهيون ڪري مون سان ڪِتابُ.

جو ڏنو مون دوستَ کي تُحفو ڪري
سو ڪَٻاڙيءَ جي مليو هَٿَ تان ڪتابُ

حادثي ۾ هُو گُذاري ويو ڪَوي
سُڏڪندي هُن جي رهيو پرسان ڪِتابُ

هونئن تہ منهنجو دوستُ آ پيارو مگر
ڪين ٿو مُرڪي ڏسي تو جيان ڪِتابُ.

ڪيترو صدمو رَسيو دل کي جڏهن
هُن چيو هو: ”چا ڪندس هي مان ڪِتابُ. “

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دلرُبائي ڪينَ تي ايڏي ٿَهي.
اڄُ جُدائي ڪينَ تي ايڏي ٿَهي.

حُسن تُنهنجو لوڪُ تو پاڳل ڪري
رُونُمائي ڪينَ تي ايڏي ٿَهي.

تُهمتُن ڪان چو لنوائين تو پَيو
پارسائي ڪينَ تي ايڏي ٿَهي.

نانءُ تُنهنجو نانگُ ٿئي تولئہ مَتان
خُود نُمائي ڪينَ تي ايڏي ٿَهي.

واٽَ تان پَٿَرُ ئي ڪَڍُ تُون ڪُجهہ تہ ڪر
واندڪائي ڪينَ تي ايڏي ٿَهي.

نيازمنديءَ کي تا سَمجهَن بُزدلي
اڄُ چڱائي ڪينَ تي ايڏي ٿَهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# وساريو نه ڇڏجو (اُداڻ سومرو) موڪليندڙ: عبداللطيف انصاري سکر

جيڪا دل اُجاري ناهي
سائي دردَن واري ناهي.

هرڻيءَ وانگر چرڪين ڇو ٿو؟
مُنهنجو پيارُ شڪاري ناهي.

هڪلي پَيو مارِيندو ڪونه
هُو هاري آ ماري ناهي.

سيني آڌو چالڻ جهُڪندي
دل مُنهنجي درٻاري ناهي.

نينڻَ نَديءَ جا پياسا آهن
*واريءَ تَڙَ تي واري ناهي.

پيارَ ۾ کهڙا کاتا رکجن
هي ڪا سرمائيڪاري ناهي.

سردُ هَوا پُڇي تي مونکان
ٻاهِر تو گهَر ۾ ٻاري ناهي.

چندَ جو رقصُ ڏٺو ناهي تو
سمُندَ تي رات گُذاري ناهي.

---

*واري تَڙُ: سکر جو هڪُ پاڙو جتي هاڻي واري نه آهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هُن ويچاريءَ ننڊَ کي وڪڻي ڇڏيو.
مُرڪَ هُن جي جنڊَ کي وڪڻي ڇڏيو.

تُنهنجي جوڀَن جي ڏسي جادوگري
مُون سَموري منڊَ کي وڪڻي ڇڏيو.

راتِ جو نڪري ٿئو ڪو گهَر منجهان
ڳوٺَ وارن چنڊَ کي وڪڻي ڇڏيو.

جنهن ۾ سازش جي ڦُٽڻَ جو ٿئي گُمان
ذهن جي اُن ڪنڊَ کي وڪڻي ڇڏيو.

مون بَتيلو پيارَ جو جوڙيو مگر
تو اڪين جي سمُنڊَ کي وڪڻي ڇڏيو.

ايترا صدما رسيا جو نيٺ مون
دل جي ننڍڙي کنڊَ کي وڪڻي ڇڏيو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# وساريو نه ڇڏجو (اُدل سومرو) موڪليندڙ: عبداللطيف انصاري سکر

جو ٿَر ۾ ڏِٺو هوندَئي.
پُڏٿَر ۾ ڏِٺو هوندَئي.

جنهن پيارَ کي ٺُڪرايو
ٺوڪَر ۾ ڏِٺو هوندَئي.

هڪ چهرو ئي هرڪنهن
منظر ۾ ڏِٺو هوندَئي.

شيشي جي وڏائيءَ کي
پٿرَ ۾ ڏِٺو هوندَئي.

ڳولا ٿو ڪرين جنهن جي
دلبَر ۾ ڏِٺو هوندَئي.

هڪ پيارَ سِوا ڪُجهُ نہ
هِن گهَر ۾ ڏِٺو هوندَئي.

عيبن جُون پُڏي ڳالهيون
اندرَ ۾ ڏِٺو هوندَئي.

محبوبَن جي ڪاوڙ کي
خنجَر ۾ ڏِٺو هوندَئي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گرم جُملا پيٽَ تي رهجي ويا.
سردُ سُڏڪا پيٽَ تي رَهجي وَيا.

جن کي ٽُڪرائي ڇڏيو لهرُن هُيو
ڪوڙ سُهڻا پيٽَ تي رَهجي وَيا.

سڀُ خوشيون ميڙي کَٽي آياسين پَر
دردَ پنهنجا پيٽَ تي رَهجي وَيا.

هُو بَتيلا پنهنجا ڪاهي ويا هليا
خُوابَ تن جا پيٽَ تي رَهجي وَيا.

برت ڊِي جي هُئي خوشي توکي مگر
سارا تُحفا پيٽَ تي رَهجي وَيا.

هاٿي يادُن جي اُڏامي تي رَئي
سُندر لمحا پيٽَ تي رَهجي وَيا.

گهرِ پُڄي ماڻهن کي آيو يادِ هي
تِن جا پاڇا پيٽَ تي رَهجي وَيا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دردَن ڪان لِڪائي هُئي،
مون مُرڪ بچائي هُئي.

ڪا ڳالهه هُئي جيڪا
مون ڪان تو لنوائي هُئي.

ڪنهن ڪونہ ٻُڌي ڪوتا
رستَن کي ٻُڌائي هُئي.

ڏسندي ئي پريان مونکي
تو راهہَ مَٽائي هُئي

چادَر ۾ کَٽي چندَ کي
هُوءَ راتِ بہ آئي هُئي.

جنهن ۾ نہ ذڪر تُنهنجو
سا سِٽَ اجائي هُئي

طوفان جي نيڻن ۾
ڪيڏي تہ وڏائي هُئي

هڪڙي تہ هُئي جندڙي
سا پي تہ پَرائي هُئي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اهڙو واءُ بہ گهُلندو سائين
مون کي مُنهنجو ملندو سائين

پاڻَ کان وسري وېندُس مان پَر
تُنهنجو خِيالُ تہ رهندو سائين.

دردَن ايـــــڏو ڏوڙـــيو آ جو
مان تہ وڃا تو ڍهندو سائين.

جنهن کان وِڇڙي پيارا ويندا
ڪيئن پَلا سو ڪلندو سائين.

اوچائين تي جيڪو رسندو
آخر هيٺِ تہ ڪِرندو سائين.

تُنهنجي دل مان ترّجَڻ وارو
گهٽيءَ گهٽِيءَ ۾ رُلندو سائين.

هڪ طرفو هي پيارُ اوهانجو
ڪيسيتائين هلندو سائين.

عاشقُ آهين چانوَ تو ڳولين
پيارُ تہ آهي جَلندو سائين.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جڏهن ٻه تُنهنجي پيارَ جا لهجا گُونگا ٿي پَئي ويا.
مُنهنجي دل جا سارا دهڪا گُونگا ٿي پَئي ويا.

ڪندي عبادت ذهن تي تُنهنجي ڇهري اُڀرڻ سان
سارا ورد وظيفا مُنهنجا گُونگا ٿي پَئي ويا.

تُنهنجي حُسن جي هٿيارن جي آڏو سانولڙي
تلوارُون ۽ ٻڇيون ڀالا گُونگا ٿي پَئي ويا.

حاويليءَ ۾ چندَ ڏٺو پَئي جذبن جو قتلامُ
راتِ جي هنجَ ۾ ڪيئي سُڏڪا گُونگا ٿي پَئي ويا.

جڏهن ٻه تُون اسٽيج تي آئينءَ ٻٽڙي لفظ چَوڻ
شور ۾ ورتل ميڙَ ۽ جلسا گُونگا ٿي پَئي ويا.

پاڻياريءَ جي نيڻَن ۾ ڪو اهڙو جادو هو
کوهہَ جي پرسان ماڻهو پياسا گُونگا ٿي پَئي ويا.

ڦُٽين وانگر لفظَ مون چوندي تُنهنجي لاءِ رکيا
تُنهنجي سامهون سارا جذبا گُونگا ٿي پَئي ويا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هر منظر آ خوف ۾ ورتل
جي دلبرُ آ خوف ۾ ورتَل.

مسجد ۾ مايُوسي آهي
۽ مندرُ آ خوفَ ۾ ورتَل.

رهواسين جي قتل پُڇاڻان
خالي گهَرُ آ خوفَ ۾ ورتَل.

تُون مُنهنجي پَرَ ۾ آهين پو
چو اندرُ آ خوفَ ۾ ورتَل.

راهُون ڏنڏليون ٿي ويندیون
جي رهبر آ خوفَ ۾ ورتَل.

هڪڙي چندَ اڳيان تارن جو
چڻُ لشڪرُ آ خوفَ ۾ ورتَل.

دلِ حاضر آ تُنهنجي اکِ جو
چو خنجَر آ خوفَ ۾ ورتَل.

اجرَڪ جا رنگَ اڏري ويندا
جي ڪلچر آ خوفَ ۾ ورتَل.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تڪل شامَ جهڙي حياتي اسانجي.
خالي لامَ جهڙي حَياتي اَسانجي.

اوهان جي اکڙين ۾ انگُورن جُون وليون
پيگل جامَ جهڙي حَياتي اَسانجي.

سيئي تُهمتُون هَن اسانجي حصي ۾
آ بدنامَ جهڙي حَياتي اَسانجي.

اندَر ۾ اسان جي سَوين ڪرَبَلائون
ٿي ماتامَ جهڙي حَياتي اَسانجي.

سيئي خُواب پنهنجا ويا گهائجي هِن
هي سنگرامَ جهڙي حَياتي اَسانجي.

اسان جي نصيبن ۾ نہ نُوري نہ ڪينجهَرُ
نہ ئي ڇامَ جهڙي حَياتي اَسانجي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مونسان جَڏهن بہ تُنهنجي جَوابن ڳالهايو.
دردَن زخمي سيني عذابن ڳالهايو.

ڪنوار۔ پوتِيءَ جيان هوءَ تہ وَئي شرمائجي
مون سان هُن جي چپُن تہ حجابن ڳالهايو.

ڪندا سڀُ ناراض ٿيا ها مون تي جو
چالئہ مُرڪي مونسان گُلابن ڳالهايو.

"ڌرتيءَ تي گدلاڻ ڏسو ڪيئن ڦهلي آ"
جهوپَڙ پرسان ڪالهہ نَوابن ڳالهايو.

"سمجهي سگهندين ڪينَ اسان جي درد سِوا"
عشق جي مڙني مون سان نصابن ڳالهايو.

"ساهہُ اسانجو مُنجهي پَيو هي دَرُ کوليو"
الماريءَ منجهہ بند ڪِتابن ڳالهايو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تو سِوا هر سازُ ٿو سُڏڪو لَڳي.
دردَ جو آوازُ ٿو هرڪولَڳي.

مصنوعي لفظن سان ڪن ٿا آجيان
ڪوبہ ناهي جو هِتي پنهنجو لَڳي.

هرڪو جُملو چِڙُ تہ حملو ٿو ڪري
دوستيءَ جو هي نہَ ٿو لهجو لڳي.

”مونکي تُنهنجي آهي وڻندي شاعري“
راءِ سا تُنهنجي مونکي تمغو لڳي.

پيارَ جي دُنيا جو پنهنجو رنگُ آ
دردُ پِي محبوبَ جو تحفو لڳي.

پاڻَ ٿو پنهنجي ڪَري واڪاڻِ هو
آدمي ڪيڏو نہ ٿو هلڪو لڳي.

مان وڇوڙي جُون ڪيان ٿو ڳالهيون
ۓ اوهان کي ٿو اِهو چرچو لڳي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بددُعا مونکي تني تُون ڏيئي سَگھين
خطُ هي مونکي تتو هي تُنهنجو لڳي.

تُون ڏئين تي ٺهڪ مُنهنجي حالَ تي
مُنهنجي دل ۾ چڻُ تہ تو ڪوڪو لڳي.

”پاڻ گڏجي گھاريندا سين زندگي“
ڳالهہ تي هاڻي اِها سپُنو لڳي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دل جي ڌرتي تُوهَرن جا سلسلا.
دردَ جا گُذرن ٿا ڪيئي قافلا

ڏُک ٿتو هاٽي ٿئي ڪنهن ڳالهه تي
پاڻَ سان ڏاڍيا ٿا هِن حادِثا.

ڏُور ڪنهن سُرندو وڄايو تي ڪِٿي
ڇڻُ تہ سُڏڪا ٿي ڀريا ٿَر جي هَوا.

مارئيءَ جو ڪوُهہُ آهي ويو سُڪي
۽ عمر جي محل ۾ هِڪُ سَمُندُ آ.

پارڪَر جي مورَ جي هر دانهن ۾
روپلي جي روحَ جي آهي صَدا.

ڪنهن ٻُڌايو ڪينَ تُنهنجو ڏَسُ پَتو
مُون تہ روهڙيءَ ۾ ڪئي تُنهنجي پُڇا.

پاڻَ ڪڪرن کي روئارڻ چاهيو
موتَ ۾ پنهنجن اکين ۾ لُڙڪ ها.

ناهي ڪو افسوس مونکي زندگي!
دوستَ جَي مونکي سُڃاڻن ڪينَ ٿا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مُنهنجي گيتن راتِ مونکا تي پُڇيو.
شاعريءَ مان توکي آخر ڇا مِليو.

تُنهنجي آڏو لفظَ اوندهہ تي ويا
ماتِ جو ڪمري ۾ تي ڏيئو جَليو.

وڻَ سيئي سُڏڪن ۾ پئجي ها ويا
گيتُ ڪوئل هو جڏهن آلاپيو

دل بہ تُنهنجي شهر جي ديوار جيان
هرڪو پنهنجو پوسٽر هٽندو رهيو.

روحَ ۾ سَوَ رنگَ ٿا جاڳي پَون
شاهہ! توکي مون جڏهن آهي پڙهيو.

مان اکين جي سمُندَ ۾ٻڏندو رهيس
ڪيترو مونکي ڪنارَن تي سڏيو.

تُنهنجي وارن ۾ لڳل جو گُلُ هو
سادگيءَ مُنهنجي مَٿان چِٽُ تي ڪليو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪاوَڙ ۾ هُن ڪَئي آ ڏِيارِيءَ جي شامَ جو.
اوندهہ ڏَئي وَئي آ ڏِيارِيءَ جي شامَ جو.

درشن نہ ديپُ ڪوئي تنها اُداس لمحا
توکان سِوا رَئي آ ڏِيارِيءَ جي شامَ جو.

جهِرمر جهانَ پرسان تُنهنجي جهُڪِيءَ جو منظرُ
چالاءِ سُرمئي آ ڏِيارِيءَ جي شامَ جو.

پائي ڏُکن جي چادر هوءَ نينگري اڪيلي
گهرَ ۾ سُتي پَئي آ ڏِيارِيءَ جي شامَ جو.

توهَر جيان لڳو هو هر لفظُ چِڻُ تہ هُن جو
چاچا چئي وئي آ ڏِيارِيءَ جي شامَ جو.

هي عاشقن جوِن رسمون اظهارَ جا بَهانا
هُن کي گُلابُ ڏَئي آ ڏِيارِيءَ جي شامَ جو.

”مُنهنجو وُجود ٽيندو تُنهنجي چپن سان روشن“
هُن کي وَجي چَئي آ ڏِيارِيءَ جي شامَ جو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چندَ تي جڻُ چارَ ٿا پئجي وڃن.
تُنهنجي مُک تي وارَ ٿا پئجي وڃن.

تُون ٿئين ناراضُ پو جَڻُ ائين لَڳي
حُسن تي هشيار ٿا پئجي وڃن.

گهَر خوشيءَ جا ڪيترا ڪمزور هِن
ٿوري ڏُک تي ڏارَ ٿا پئجي وڃن.

پيارَ جو اهڃاڻُ آ جو بي سببُ
پاڻَ ۾ تڪرارَ ٿا پئجي وڃن.

سوڀَ ٿي نادم بڻائي ۽ ڪڏهن
هارَ تي ڀي هارَ ٿا پئجي وڃن.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪي پنهنجا پَرايا جَنم ڏينهن تي
وَري دردَ آيا جَنم ڏينهنَ تي.

زماني جُون تلخيون وساري سموريون
اسان گُل ورهايا جَنم ڏينهنَ تي.

اکين تي رَکي ڪاردُ تُنهنجو چميو مون
ٿيا سُک سَوايا جَنم ڏينهنَ تي.

رُڳو تُنهنجي خاطر تُنهنجي گهَر جا ياتي
سپئي مُون سڏايا جَنم ڏينهنَ تي.

اِها مُک تُنهنجي آ مُون لاءِ ڪافي
هي تحفا اَجايا جَنم ڏينهنَ تي.

اکين ئي اکين ۾ ڏنيون تون واڌايون
مُون ڳوڙها لڪايا جَنم ڏينهنَ تي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪَڙڪائي دڙُ ۽ دَري ڪونہ ايندو.
اهو عشق توڏي وري ڪونہ ايندو.

وڄُن وارَ ڇوڙيا ننگر پارڪَر تي
وري هِن شهر ڏي ٿَري ڪونہ ايندو.

اُنهيءَ اُس ۾ ئي آ هلڻو مُسافر
هُو سُورج اسان ڏي ٿَري ڪونہ ايندو.

وري پارِ توکي ئي وڃڻو آ سُهڻي
هُو ميهارُ توڏي ٽَري ڪونہَ ايندو.

اهائي حياتي ڪَري پيارُ وٽُ تُون
هِتي ڪوبہ ٻيهرَ مَري ڪونہ ايندو.

اجا سنڌُ چالئہ نهارين ٿي واٽون
هُو مالهي اُتم ۽ هَري ڪونہ ايندو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان کان لنوائي هليو تو وڃي.
هُو رستو مٽائي هَليو تو وَڃي.

ڪڏهن هُو اسانجي هُيو آرسي
جو چهرو لڪائي هَليو تو وَڃي.

نہ ترسي ڳالهائي عجب دوست آ
رُڳو هٿُ ملائي هَليو تو وَڃي.

سندس نيڻَ آلا رهن ٿا مگر
هُو سڀَ ڪي ڪلائي هَليو تو وَڃي.

اڃي شهر مان هُو ڪَوي، شاعري
وڻن کي ٻُڌائي هَليو تو وَڃي.

هُو پوپٽُ گُلن جو وٽي واسُ پو
چو ڪاڏي الائي هَليو تو وَڃي.

ڳائي گيتُ درديلو اڌ رات جو
ڪو ننڊون ڦٽائي هَليو تو وَڃي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تو ڏني پيارَ جي ڪا گهٽي ڪانہ هُئي.
توکي سڀُ ڪُجهہُ هُيو عاشقي ڪانہ هُئي.

رات ريشم جيان رُوح تي ڇڻُ لَٿي
ياد تُنهنجي جلي چاندني ڪانہ هُئي.

ڪنهن نہ چاتو تہ هُن خودڪشي ڇو ڪَئي
هُن جي جيون ۾ ڪائي ڇُمي ڪانہ هُئي.

تو مِلڻَ وقت اهڙو هوءِ تاثر ڏنو
ڄڻُ تہ توسان ڪڏهن دوستي ڪانہ هُئي.

شبنمي شام جا رنگَ چُنريءَ جيان
ڪيئي چهرا هُيا سانوري ڪانہ هُئي.

عيد آئي اسان جي اڱڻَ تي ايئن
دردَ جو رقصُ هوءِ ڪا خوشي ڪانہ هُئي.

تُون تہ مُرڪي سِين ڏي نهاريو مگر
تُنهنجي مُرڪن ۾ پنهنجي پَتي ڪانہ هُئي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چو نہ سمجهي سگهين پيارُ مُنهنجو پرين
ڳالهہ مون جا ڇَئي سا ڏُکي ڪانہ هُئي.

مُون تہ چاهيو پَئي تُون بہ لکندي رهين
مُنهنجي توڏي چِٺي آخري ڪانہ هُئي.

ڳوٺُ سارو ئي پاڳل هُيو هُن مٿان
دل اسان جي رُڳو ئي ڇَري ڪانہ هُئي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

غَزَلُ ٿو لِکين ۽ پَرائي زَمين!
نئين ڳول پنھنجي تون ڪائي زَمين.

رُڳو دردَ ئي ٿا ڦُٽن اُن منجهان
اوھان ئي اسان جي سُڪائي زمين.

نہ ڳاڙھا غاليچا نڪي گُل آھن
اسان دل جي تولئہ سَجائي زَمين.

ڏئي خُواب اڱرن جهڙا سانوريءَ
اسان جي اکين جي جَلائي زمين.

اِھو عشق اھڙو تہ ظالم آھ جنھن
وطن جي اسان کا ڇڏائي زَمين.

ھي رستا ھي وڻَ بہ سَيئي اوپرا
سِوا تو لڳي ٿي اجائي زَمين.

سڄي عمر ڳولا ۾ گُذري وئي
الائي تو ڪِٿي جي وسائي زَمين.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ن مُرڪون نہ ميڙا، نہ سهرا، جَمالا
ڏُکي آهي تُنهنجي پٿائي زَمين.

جڏهن نندَ ڪنهن کان اَجلُ ٿو کَسي
امڙِ جان سُمهاري اِهائي زَمين.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# گيت

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اجا تا پَسو
وَسو ڙي وَسو
اڙي بادلو!
توهَر ويون تي اسان جون اکيون.

نڪا بُوند نيڻن ۾ آهي رَهي
سيئي خُواب پنهنجا ويا هن دَهي
ٽُٽي سوچ جو آ ويو سلسلو
اڙي بادلو!

سنيها اسانِ جا پُڄَن تا ڪِٿي
اسان جي ڏُکن جا مَسيحا ڪِٿي
اچي زندگيءَ ۾ ويو زلزلو
اڙي بادلو!

اسان جي نصيبن تي چو تا ڪِلو
اکين ۾ اسان جي لَهي اڃُ اچو
اوهان ئي ڪَيو ڪو اسان جو بِلو
اڙي بادلو!

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بهارن جي مستي
هوائن جي هستي
پرين! تُنهنجي جوين
سندي مُند پُهتي.

ڏٺو تو جي مُرڪي
حياتي آ ٻهڪي
وري دل جي ٻيهر
جُڙي آهي بستي.

ناهي پيارُ پستي
ڏسي پنهنجي مستي
اسان جي ادائُن تي
مُرڪي تي ڌرتي.

جي ڏَنُ مانُ ناهي
ڪو ارمانُ ناهي
ٺاهي پنهنجي چاهت
ستارن کان سستي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جنم ڏهاڙي جون
تـــوڪـــي واڌايــــــون
گيتُ دُعائن جو
تولئہ ٿا ڳايون.
شالَ سَدا مُرڪين
مُڪڙين سان گڏجي
ڪين ملن توڪي
ڏڪڙا ڪي پُلجي
ائين ئي ٿا چاهيون
تولئہ ٿا ڳايون.

تون ميڙن ۾ گهارين
سڀُ تنهنجا سَلامي ٿين
تُنهنجا ڏينهن ائين گُذرن
پر ڪينَ ڪڏهن بہ اچن
تـــوڏي تنـــــــهايون،
تولئہ ٿا ڳـــــــايون.

هي رنگ هَوائن ۾
ڏس توڪي ٿا چاهن
هي جذبا تحفن جا
سڀُ تولئہ ئي آهن
گيتَ غزل وايون
تولئہ ٿا ڳايون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ياڊُن جون چوليون
تنها هي راتيون
سمُندبہ ساڳيو آ
ءِ چندُبہ ساڳيو آ

مون چرک پَري جاڳي
تُنهنجون تصويرون
سيني سان لاتيون
تنها هي راتيون

شهر جي رنگن جا
هُو پاڻيءَ تي پاڇا
جوڻ جون جهاتيون
تنها هي راتيون

دُور ڪنارن تي
وکريل هِن وايون
تو مان جي ڳاتيون
تنها هي راتيون.
سمُندبُہ ساڳيو آ
ءِ چندُبہ ساڳيو آ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿُون آهين ڪائي خوشبو
هڪڙو پوٽو آهيان مان
ٿُون تنها ڪڪريءَ جيان
واءُ جو جهوٽو آهيان مان
توکان دُور تہ ناهيان مان.

روشن راهُون تنهنجون پانهون
تُنهنجي نيڻن منجهہ نگاهون
توکي ئي ٿو چاهيان مان
توکان دُور تہ ناهيان مان.

تُنهنجي مُرڪ جا موتي ميڙي
جوين جا سڀُ رنگ سهيڙي
جيون منجهہ سمايان مان
توکان دُور تہ ناهيان مان.

تُنهنجي گهَر جا سارا رستا
منهنجا ئي سي آهن پيرا
تُنهنجو پاڇو آهيان مان
توکان دُور تہ ناهيان مان.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گُلن سان سجايل
هي جوين جا رستا
اوهان لاءِ آهن
اسان پنهنجو جيونُ
تہ ماڻي ڇڏيو آ.

گهڙيءَ منجهہ گهائن
ڏسي پوءِ لنوائِن
اسان تن اکين کي
سُڃاڻي ڇڏيو آ.

ڪڏهن ٿهڪ پنهنجا
هُئا لوڪَ ٻُڌندا
اسان دوست! مُرڪڻ
تہ هاڻي ڇڏيو آ.

جِتي ڪي بہ ناتا
ڏسُون ٿا جي ٽُٽندا
اسان پيارُ تيڏانهن
اُماڻي ڇڏيو آ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اوهان جي خوشيءَ لئہ
۽ هِن دوستيءَ لئہ
اسان دردُ پنهنجو
تہ چاڙي ڇڏيو آ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪي پيارَ پريا جُملا
ڪجهہُ سپُنا ۽ واعدا
هِنَ بند لفافي ۾
تولاءِ اُماٽيان ٿو.

ڪي زخمي ٿيل جذبا
ڪجهہُ لفظن ۾ سُڏڪا
هِنَ بند لفافي ۾
تولاءِ اُماٽيان ٿو.

تو سنگِ هُئا سرجيا
سي گيتَ سيئي پنهنجا
هِنَ بند لفافي ۾
تولاءِ اُماٽيان ٿو.

ٿيا ڏارَ آهن رستا
سو تُنهنجا ئي تحفا
هِنَ بند لفافي ۾
تولاءِ اُماٽيان ٿو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مينهن پُڇاڻان
پَکي اُڏاڻا
نَديءَ ۾ تنها ناوَ هَلايان
تُنهنجي خاطر ويٺي ڳايان.
آءُ او راڻا!
آءُ او راڻا!

ڪوئل جو آواز اُڏامي
چڻُ تہ هَوا ۾ ويو اُجهامي
مُند ڪيا هِن
ڪيڏا ماڻا
آءُ او راڻا!

اوسيئڙي جو اُڏمو ڏيئي
نندَ اکين مان اُڏري ويئي
جذبا ٿي پيا
آهن ساڻا
آءُ او راڻا!

ڳالهہ اسان جي هاڻِ ڪَٽي مَجُ
هڪڙو پيرو هيئن ڇئي وَڄُ
ٿيندا ناهن
پيارَ پُراڻا
آءُ او راڻا!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مُنهنجي اکين جي هِن البم ۾
هڪڙي ئي تصوير رکيل آ
تُنهنجي سا آهي

جيون مون کي ڏاهي ڇڏيو هو
ٻيهر جا تعمير ٿيل آ
تُنهنجي سا آهي.

ڪوري ڪاڳر جهڙي مَن تي
جيڪا ٻي تحرير لکيل آ
تُنهنجي سا آهي.

مُنهنجي سيني جي ساگر ۾
پيار جي جيڪا ويرَ اُٿيل آ
تُنهنجي سا آهي.

مونکي ملڻي ناهين تون
پٽر تي تقدير لکيل آ
مُنهنجي سا آهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون چَيو هو گيتُ جو
ڊائريءَ ۾ تو لکيو
گيتُ سو مُرڪي پيو
چڱُ ڀلو مونکي مليو

خوابُ جيڪو مون ڏٺو
اُن ۾ جو چهرو هيو
سو پرين تُنهنجو هيو
چڱُ ڀلو مُونکي مليو.

تو اچي مونکان پُڇيو
شاعري چو تا ڪيو
مُرڪي مون توکي ڏٺو
چڱُ ڀلو مون کي مليو.

هٿُ وڌائي تو چيو:
”نالو هِت پنهنجو لکو“
مون الائي ڇا لکيو
چڱُ ڀلو مونکي مليو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اکيون تہ آهن ڪڪريون
جنهن سان بہ جڏهن ٽڪريون
وسڪارَ ڪري ويندِيون
دِل ڏار ڪري ويندِيون.

جوين آ سندن جَل ٿَل
محفل ۾ ڪتي ڪنهن پل
سينگارَ ڪري ويندِيون
دِل ڏار ڪري ويندِيون.

هٿيارَ اٿن ڪيئي
ڪُجهہُ مرڪ ذرو ڏيئي
جي وارَ ڪري ويندِيون
دِل ڏار ڪري ويندِيون.

ڪُجهہُ پيارَ ڏيڻ بدران
سهڪارَ ڪرڻ بدران
نَهڪار ڪري ويندِيون
دِل ڏار ڪري ويندِيون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اُنهيءَ کي ڏسَي ڪو
تہ هُن کي سنپاري
اونـــــهاري، سيــــاري
ڪوئي شخص آهي
جو پل پل ڏُکي ٿو
اُنهيءَ کي ڏسَي ڪو.

اُنهيءَ کان پُڇي ڪو
سوين چندَ تارا
جو گهرَ ۾ سجائي
اسان کان چو يادُن
جو ڏيئو ڪَسي ٿو
اُنهيءَ کان پُڇي ڪو.

اُنهيءَ کي لکي ڪو
ڏئي گهاوَ جيڪو
وساري ڇڏي ٿو
ڪڏهن حالُ دل جو
نہ پُلجي پُڇي ٿو
اُنهيءَ کي لکي ڪو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اُنهيءَ کي چَوي ڪو
چو آهي ائين ٿيو
جو گُذري تو پرسان
تہ چالاڪ مون ڏانهن
نہ پُلجي ڏسي ٿو
اُنهيءَ کي چَوي ٿو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٽرائيل

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تُون ٻہ هاڻي سُومرا سوچڻُ ڇڏي ڏي
ذهن تي ويچار هي پنهنجا پرايا
توري ڏُکَ تي ايترو تڙپڻُ ڇڏي ڏي
تُون ٻہ هاڻي سُومرا سوچڻُ ڇڏي ڏي

چانهن ۾ دانشوري ٻوڙڻ ڇڏي ڏي
هوٽلن ۾ بحث هي آهن اَجايا
تُون ٻہ هاڻي سُومرا سوچڻُ ڇڏي ڏي
ذهن تي ويچار هي پنهنجا پرايا.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪاظمي! تُنهنجا ڪبوتر ويا اُڏامي
پرَ غزل تنهنجا اجا اُڏرن پيا
تُنهنجو ڏيئو بہ ويو آخر اُجهامي
ڪاظمي! تُنهنجا ڪبوتر ويا اُڏامي

زندَگيءَ ۾ تون نہ ڪَئي ڪنهن جي سَلامي
خيالَ تنهنجا ڪينَ ٿا وسرَن پيا
ڪاظمي! تُنهنجا ڪبوتر ويا اُڏامي
پرَ غزل تنهنجا اجا اُڏرن پيا.

*ناصر ڪاظمي: اردو جو مشهور شاعر جنهن کي ڪبوتر ڏارڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دردَ جو آواز هو اٿڪي پيو
هِڪَ دُکي بيمار راڳيءَ جي نڙيءَ ۾
ڇڻُ تہ ڪوئي رازُ هو اٿڪي پيو
دردَ جو آواز هو اٿڪي پيو

آڱرين ۾ سازُ هو اٿڪي پيو
بيوسيءَ جي بي رَحم پوئين گهڙيءَ ۾
دردَ جو آواز هو اٿڪي پيو
هِڪَ دُکي بيمار راڳيءَ جي نڙيءَ ۾.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪتريءَ جي تصوير پئي هُئي
ميوزيم ٻاهران ڪچري ۾
جڻُ ڪنهن جي تقدير پَئي هُئي
ڪتريءَ جي تصوير پئي هُئي

هُن تي لکيل تحرير پَئي هُئي
وڏي صاحب جي ڪمري ۾
ڪتريءَ جي تصوير پئي هُئي
ميوزيم ٻاهران ڪچري ۾.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

صليبن جا رستا اوهان ئي ڏيکاريا
اوهان ئي ڏُکي آهي دستارَ پاتي
سچائيءَ جا لهجا اوهان ئي سيکاريا
صليبن جا رستا اوهان ئي ڏيکاريا

اُهي ئي اوهان پنهنجي ٻَرِ ۾ ويهاريا
وطن سان ڪئي جن ويساهه گهاتي
صليبن جا رستا اوهان ئي ڏيکاريا
اوهان ئي ڏُکي آهي دستارَ پاتي

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هيلَ بہ ڏاڍو مينهنُ پيو هو
مسڪينن جا گهَر ڍَهي پيا
ڪوبہ اُنهن ڏي ڪينَ ويو هو
هيلَ بہ ڏاڍو مينهنُ پيو هو

هڪيئي ڪي تُون ايئن چَيو هو:
شُڪرُ تيو جو سِرَ بَچي پيا
هيلَ بہ ڏاڍو مينهنُ پيو هو
مسڪينن جا گهَر ڍَهي پيا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# نثري نظم

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# نئون ناچُ

ميرعليمُراد!

تو شڪار ڪيل شينهن جي کَلُن مان

تنبو جوڙائي

انگريز عملدار کي

تُحفي طور ڏنو هو.

اڄُ تُنهنجي ديسَ ۾

ڪوبہ شينهن بچيو ناهي

۽ گدڙ

انساني کَلُن مان

تيار ٿيل تنبوءَ ۾

انگريزي ڌُن تي

نچي رهيا آهن.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ترقي

ڌرتيءَ جا ڪروڙين انسانَ

پيٽَ سان پٿر ٻَڌي ٿا جيئن

۽ تون

ڪروڙين ڊالر خرچُ ڪري

چنڊَ تان

پٿر کڻي آيو آهين!

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڏَپُ

سماجي وُجود جي
ڪلراٺي ميدان ۾
ڏَپُ ڏِيڻ جيان ڦُٽي پيو آهي.
ڪورٽن ۾ ڏَپُ
ڪُتب خانن ۾ ڏَپُ
باغيچن ۾ ڏَپُ
شاعر جي گيتَن ۾ ڏَپُ
محبوبن جي نيڻن ۾ ڏَپُ.
هر خوشي ڏَپ جي واچوڙي ۾
وڪوڙيل آهي.
تڏهن بہ
مايوسيءَ جي مهمان سراءِ ۾
ڪوبہ مُسافر ٿڪيل ڪونهي.
حوصلي جون آڱريون
اُميد جي اُگهاڙي جسم ۾ ٽُنبيل
ڏَپ جا ڪوڪا ڪَڍَڻَ ۾
مصروف آهن.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ورثو

اسان جي ڳوٺَ جو هاري
هاشم مري ويو.
ڀِن پُٽن لاءِ ورثي ۾ ڇڏي ويو
ڪورٽ ۾ هلندڙ چار ڪيس
ٻہ لکَ وڏيري جو
۽ هڪ لکُ زرعي بينڪ جو قرض
۽ پنجَ نياٽيون ڪُنواريُون.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# اُجايل قافلن جا مُسافر

اسين اُجايل قافلن جا مُسافر آهيون
اسان جي اکين جا
سيئي ڪارا ڪُوهہ سُڪي ويا آهن
۽ رُڃَ پاڳل هَوا جي
ڇيرَ جي آواز ڪانسواءِ
ڏُور تائين
ڪابہ صَدا ٻُڌڻَ ۾ نہ ٿي اچي.
نيري آسمانَ تي پورا بادَل
بيوفا محبُوب وانگر
پري کان ڏسندا ڪلندا
اجان بہ پرَي هليا وڃن ٿا.
پوءِ بہ اسان
مايوسيءَ جي چادرَ ناهي پاتي
جاڳيل اکين جي خُوابن ۾
آبشارن جا آواز اچن ٿا
۽ اسان جي روشن اُميدن جي خوشبو
اسان کان اڳ ۾ ئي
منزل تائين پُهچي وڃي ٿي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# مُفت طبي ڪيمپ

چوهَڙ جماليءَ ۾ لڳايل
مفت طبي ڪيمپ ۾
ضلعي جو مشهور ماهر ڊاڪٽر
هَر مريضَ کي مٿاڇرو تپاسِيندو
وڌيڪَ علاجَ لاءِ
پنهنجي پرائيويٽ ڪلينڪ جو
اشتهاري ڪارڊ ڏيندو ٿي ويو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪراچيءَ جي ٿاڪَ منجهند جو هڪ عڪسُ

بَڙَ جي پوڙهي ٽڪلَ وڻَ جي ڇانوَ ۾
وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ ٻَڌَل
گهوڙي جي پوٺَ تي
گاهہَ جو توبرو چڙهيل آهي.
ڪوچوانُ وڪٽوريا ۾ ڪونگهرا هَٽي رهيو آهي.
وڻَ وٽِ ٻُڪيو هيروئني
اخبار ۾ ويڙهيل ڪبابَ ۽ مانيءَ کي
چڻُ ڪسجي وڃڻَ جي ڊَپَ کان
ٽڪرو ٽڪرو ڳِهي رهيو آهي.
سندس پرسان بيمار زخمي ڪُتو
زبان لڙڪائي سهڪي تو پيو.
اُتي ئي بيٺل
ميرَن قاتل ڪپڙن سان
پيرين اُگهاڙي هڪ ٻارڙو
مکين ورتل ڪُلفي چَٽي رهيو آهي
۽ اُتان گُذرندڙ موٽرن کي
پوندبو ڏئي رهيو آهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# دليُون ۽ رانديڪا

سانوري!

تُون نندِپڻُ ۾

ڪيئي رانديڪا ها ڀڳا

هاڻِ وڏي ٿي وئي آهين تون!

دليون ٿي ڀڳين.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# تُنهنجي شاديءَ واري ڏينهن تي لکيل هڪ نظم

نڪاحَ نامو
ٻن وُجودن جي ميلاپَ جو
هڪُ ڪمزور سَماجي معاهدو آهي
۽ تُنهنجو منهنجو پيارُ
ڪنهن بہ مُعاهدي جو محتاجُ ناهي..
تُنهنجي جسم جُون سرحدون
ڀلُ ڪيرُ بہ فتح ڪري
پرَ تنهنجي دل جي قلعي تي
مُنهنجي ئي پيار جو جهنڊو
پيو ڦڙڪندو
۽ تُنهنجي رُوحَ جا رستا
سَدائين مون لئہ پَيا واجهائيندا.
تون جڏهن گُلن پرسان ويهندينءَ
تہ انهن مان
منهنجي مُحبت جي سُرهاڻِ
محسوس ڪندينءَ
تُون جڏهن بہ آرسيءَ آڏو ايندينءَ
تہ اُن ۾ مون کي ئي پَسندينءَ
پوءِ تُون ڪيئن چَوين ٿي تہ
مان توکان ڏار هوندس!

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# برفباري

تُنهنجي اکين جي
چَشمن ڏانهن
ڊوڙندي ڊوڙندي
مُنهنجي چاهتُن جا اُجايل هرڻَ
حياتيءَ جي بيابان ۾
هاڻِ ٿڪجي پيا آهن.
ان ڪان اڳ جو
جذبا آپگهاتِ ڪَن
۽ حسرتُون هيروشيما بڻجن
پرندڙ جبلَ جهڙي
پنهنجي پيارَ جي برفباري
ڪري ڇڏ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# زينَب مارڪيٽ ۾ رڪيلُ گجَُ

بيواهہ ٻُڍڙي عورتَ جي

هٿن جو

هزارن ميلن جو سفر

اوجاڳا ۽ ٿَڪَ

يادُون ۽ لُڙڪَ

انهيءَ گجَ ۾ سَمايل آهن.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# هِڪَ ننڍڙي ڪَٿا

مُنهنجي دوستَ جو شُمارُ هاڻِ
شهر جي اربُ پتين ۾ ٿئي ٿو.
جڏهن هو ڪنگلو هوندو هو تہ
اسان ڏيهاڙي ملندا هُئاسين
ريسٽورنٽ ۾ چانهہ تي ڪچَهريون
مهيني ۾ امريڪن سسٽم تي
هڪ اڌ ڊنر ڪندا هُئاسين
ڪيڏو نہ خوش لڳندا هُئاسين.
ڪُجهہُ عرصي ڪانپوءِ
هُن ڪافي ملڪيت گڏُ ڪئي
۽ مون خُواب ۽ شعر جمع ڪيا.
هاڻِ هو شهر جي معزز ماڻهن سان ملندو آهي
۽ اُنهن جُون دعوتُون ڪندو آهي
ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي مهانگي ڪارِ جي
شيشن مان نظر ايندو آهي
مُنهنجي گهَرَ جو ڏَسُ هُن کي ياد ناهي
مُنهنجن دوستن کي چوندو آهي تہ
مون شاعريءَ لاءِ پنهنجي زندگي اَجايو وڃائي ڇَڏي
۽ مان پنهنجي دل کي دِلاسو ڏيندو آهيان تہ
هُن جو گڏُ ڪيل پئسو
هن وقت بہ هُن جو ناهي
جڏهن تہ مُنهنجا خُواب ۽ شعر
مون کان پوءِ بہ مُنهنجا رهندا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# تُون اڌوري نہ آهين

(ڪشور ناهيد جي نالي)

تُنهنجي خواب جو چنڊُ
پُورو نہ سَهي
تُون اڌوري نہ آهين.

تو خودڪشي نہ ڪَئي
پر شاعري ڪَئي
۽ اُجهامندڙ زندگيءَ کي
نئين روشني ڏني.
تو تخليق جي دردَ سان
پنهنجي ٽُٽل وجود کي جوڙي
پنهنجي ذات جي تڪميل ڪئي آهي
تُون اڌوري نہ آهين.

سمُنڊ جي اڪيلائي
ساحل جو ڏُکُ
۽ پيڙين جي بيچيني
تُنهنجي رُوحَ جو حصو آهن
تُون اڌوري نہ آهين.

تُنهنجو ڪتابُ
ڪباڙيءَ جي دوڪان تي
پَلي اڌُ قيمت تي وڪامندو هُجي
پَر تُنهنجا لفظ

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پورو سچُ چوڻ تائين
تُون اڌوري نہ آهين.

”خاڪ ۾ خُوابَ“ جي وچ ۾
بيٺل عورت جي هٿن ۾
هڪ نقشو آهي
جنهن ۾ هڪُ رستو آهي
جيڪو سچَل سرمست جي شهر
درازن ڏانهن وڃي
اَناالحق جي سنگ ميل وٽ رُڪجي ٿو
۽ اُتان پنهنجي تخليق جو سفرُ
شروع ٿئي ٿو
تُون اڌوري نہ آهين.

( ”آجاؤ آفريڪا“ جي مُهڙ ۾ ڪشور ناهيد پاڻَ بابت لکيو هو، اڌوري زال، اڌوري ماءُ، اڌوري ملازمت پيشہ ۽ اڌوري ليکڪا.)

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# مائُرون فقط روئڻ لاءِ هُونديون آهن.

دردَ جي ڳوٺَ جون شامون
اُداسُ هونديون آهن.
راتيون خوفَ جو استعارو آهن
۽ انهن راتين ۾
لوليون ٻُڌائڻ واريون مائرون
هاڻي ڪونہ بچيون آهن
ٻارڙا روئي روئي
پاڻ ئي سُمهي پَون ٿا.
سجُ پوڙهو ٿي ويو آهي
دير سان پهچي ٿو.
ٻارڙن تي اُسَ جو اثر ناهي ٿيندو.
تيز اُس ۾
ڪُهاڙين جي اُجَ وڌي وَڃي ٿي.
۽ قتل لاءِ هڪُ الزام ضروري آهي
سيئي الزام انڌا هوندا آهن.
مخالف ڪمزور آهي
تہ غيرتَ جو جذبو وڌيڪ اُڀري ٿو.
مائرون فقط روئڻ لاءِ هُونديون آهن
پر ڪاريءَ جي لاش تي
روئڻ ۽ گُل رکڻَ جي اجازت ناهي.
سردارَ جو سِرُ
دارَ لاءِ منع ٿيل آهي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سردارَ جي واتَ ۾
ڏَپَ ناهي ٿيندي
پيرن ۾ پٽڪا
هُن کي وٽندا آهن.
قداور وَٽن جُون منديون
وڏيون ويون آهن.
ڳوٺ ۾ چانوَ مهانگي ٿي وئي آهي.
مُنهنجي پُٽَ کي خطُ لکو
تہ جرڳي ٽيڻ تائين ڳوٺ نہ اچي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# اسان آسمانَ جو رنگُ تبديل ڪرڻُ ٿا چاهيون

ڪين چئو تہ
يڪسانيت اسان ڪي نہ ٿي وَڻي
اسان آسمانَ جو رنگُ
تبديل ڪرڻ ٿا چاهيون.

ڪين مشورو ڏيو تہ
بارود ۽ هٿيارَ نہ رکن
باهہ لڳندي
۽ فائربرگيڊ جو خرچ وڌندو

ڪين ٻُڌايو تہ
عوامي مُظاهرن ۾
هنيل ڦاٽل پُراڻا نعرا
اجلاسن ۾ ڪيل
پاروٿيون تقريرون
۽ گُونگيون قراردادون
اسان لاءِ
ڪا معنىٰ نٿيون رکن.

ڪين سمجهايو تہ
معتبر شخصيتن جا پُتلا ساڙڻ
۽ عظيم مُلڪن خلاف ڳالهائڻ
دهشتگردي آهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪين محسوس ڪرايو تہ
عالمي امن
۽ انسانن جي تحفظ لاءِ
دهشتگردن خلاف
جنگ ضَروري آهي.

ڪين دلاسو ڏيو تہ
هڪ ڏينهن سَڀني کي مرڻو آهي.
پر اسين ڪوشش ڪندا سين تہ
مرڻ وارن جو تعدادُ
روئڻ وارن کان وڌيڪ نہ وڃي.

( آمريڪا جو عراق تي حملو : 2003ع )

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# تاريخَ جي ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر

ڪوبہ نظم ڪتان کان بہ شُروع ٿي سَگهي ٿو
ڪاڳر تي ظاهر ٿيڻ کان پهريان
نظم ڪِٿي پناهہ ورتي هُئي، مون کي ڪابہ خَبر ڪانهي.
پابندين جي سماج ۾
ڪنهن جَلاوطن آزاد نظم کي پَناهہ ڏيڻ بہ ڏوهہ آهي.
ڏوهن جي پنهنجي هڪ تاريخ آهي
۽ سڀَ کان وڏيڪ ڏوهہَ جنگين ۽ عَدالَتُن ۾ ٿيا آهن.
جنگين ۾ تلوارون چمڪنديون آهن، ڪُتب خانہ جلندا آهن
۽ عورتن جي بيحُرمتي ٿيندي آهي.
مان هِڪُ تاريخي نظم لکڻُ ٿو چاهيان
مان اُنهن گمنام انسانن جي باري ۾
لکڻُ ٿو چاهيان
جيڪي، جنگِ ۾ ڪنهن جي بہ ڌُر ڪونہَ هُئا
۽ بيگُناهہ ماريا ويا.
جن جي فصل کي ساڙيو ويو
جن جي عورتُن کي
مال غنيمت وانگر ورهايو ويو.
انهن ڏوهن ۾ شامل،
سيني سپهہ سالارن ۽ جرنيلن خلاف
مان تاريخ جي عدالت ۾
مقدمو درجُ ڪرڻُ چاهيان ٿو.
منهنجو هي نظم تاريخ جي ٿاڻي ۾
ايف آءِ آر طور رکيو وڃي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# وايون

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پَنهنجي ڌرتيءَ تي رهندي
پوءِ به هِي انسانَ
چو ايڏو گهبرائِن ٿا.

ڊِنَل اکين ۾ اچڻ کان
خُوابن جا مهمان
چو ايڏو گهبرائِن ٿا.

طوفانن کان اڳ ۾ ئي
گهرَ جا روشندانَ
چو ايڏو گهبرائِن ٿا.

گُل ته آخر سُکي وڃن ٿا
ڪندِن کان گُلدان
چو ايڏو گهبرائِن ٿا.

سندُ ! تُنهنجي نانءَ کان
سرڪاري ايوانَ
چو ايڏو گهبرائِن ٿا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چنڊُ ڪنهن جي چاهہَ ۾
چڻُ چريو آ ٿي پَيو.

مُنهنجو مَن هي هيڪلو
تُنهنجي گهَر جي راهہَ ۾
چڻُ چريو آ ٿي پَيو.

سوچَ سرگمُ ٿي ڪَري
ذهنُ ڪنهن آڙاهہَ ۾
چڻُ چريو آ ٿي پَيو.

هڪڙو سُجاڻُ آدمي
حالتن سان ٿاهہَ ۾
چڻُ چريو آ ٿي پَيو.

ديسَ پنهنجي ۾ اُمن
نفرتُن ڀَڄَ ڊاهہَ ۾
چڻُ چريو آ ٿي پَيو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪنهن ڪي ڳولين ٿو

مون کان وَڻ پُڇن ٿا.

ڏينهنُ ٻَري ٿو چانوَ ۾
ويهين ٿَو ڇو
مون کان وَڻ پُڇن ٿا.

ڇا تُون اڇين جهنگَ ۾
ڀُليو آن رستو
مون کان وَڻ پُڇن ٿا.

هيڏي ساري شهر ۾
تُنهنجو ناهي ڪو
مون کان وَڻ پُڇن ٿا.

ڪڏهن روئندي ڳُل ڪي
ڏٺو آهي تو
مون کان وَڻ پُڇن ٿا.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماٺِ سيئي ڪمري جون
دَريون ديوارون
خاموشِي ڳالهائي ٿي.

اکين ئي اکين ۾ آهن
سَوين مياڙُون
خاموشِي ڳالهائي ٿي.

ميوزيم ۾ اڌ راتِ جو
جاڳن تلوارون
خاموشِي ڳالهائي ٿي.

سيني منجهه پَهاڙَ جي
پوريل پُڪارون
خاموشِي ڳالهائي ٿي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڦهليو تُنهنجي مُرڪ مان
اِهڙو اُجالو
مُنهنجي نندَ ڦِٽي وئي.

جڏهن وارن جو ڪيئہ
مُون تي جهُڙالو
مُنهنجي نندَ ڦِٽي وئي.

پڙهيم شاهہَ لطيف جو
سانجهيءَ رِسالو
مُنهنجي نندَ ڦِٽي وئي.

تُنهنجو لڪيل ٻئي سان
ڏٺم جي نالو
مُنهنجي نندَ ڦِٽي وئي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڄ راتِ جوجاڳِي ڇو
گيتن کي سَڏين ويٺو
هاڻي تہ سُمهي پَئُہ تُون.

ڏيئن جا آ مجبوري
ڇالاءِ جَلين ويٺو
هاڻي تہ سُمهي پَئُہ تُون.

يادُن جُون دَريُون کولي
تڙپين تو لُڇين ويٺو
هاڻي تہ سُمهي پَئُہ تُون.

هُن ڪانہَ ڏنئي ورندي
خطُ پوءِ بہ لکين ويٺو
هاڻي تہ سُمهي پَئُہ تُون.

اکڙين ۾ اڳَر پاري
تَن مَن ۾ پَچين ويٺو
هاڻي تہ سُمهي پَئُہ تُون.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

الائي ڪنهن جو هو
هَلندڙ لاريءَ مان
هِڪڙو گُلُ ڪِري پَيو.

دردَن جي طوفانَ ۾
جوين ٽاريءَ مان
هِڪڙو گُلُ ڪِري پَيو.

مالهِڻ مُرڪي نهاريو
هُن جي ڪايءَ مان
هِڪڙو گُلُ ڪِري پَيو.

اُيريو شَڪُ اندرَ ۾
پنهنجيءَ ياريءَ مان
هِڪڙو گُلُ ڪِري پَيو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آرسيءَ ۾ پاڻ کي
ڏسندي ٿي هوءَ ڇوڪري
تِي وَئي حيران آهي.

پيرُ پيارَ جي شهرَ ۾
رکندي ٿي هوءَ ڇوڪري
تِي وَئي حيران آهي.

پيارَ جي هڪ تيليءَ سان
ٻرندي ٿي هوءَ ڇوڪري
تِي وَئي حيران آهي.

”توسان پيارُ ڪيان ٿو“
ٻُڌندي ٿي هوءَ ڇوڪري
تِي وَئي حيران آهي.

وڇوڙي جي دردَ کي
سَهندي ٿي هوءَ ڇوڪري
تِي وَئي حيران آهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خُوابَ نگرَ ۾ پَري پَري ڪان
اُڏپورا ڪيئي ارمانَ
هَٿَ هَوا ۾ لهرائن ٿا.

سورجَ هيٺان جهندَن وانگي
ڏَامَر رستي تي انسانَ
هَٿَ هَوا ۾ لهرائن ٿا.

ايئرپورٽَ تي پِنل اکيُن سان
ويندي ويندي ڪي مهمان
هَٿَ هَوا ۾ لهرائن ٿا.

ناليُن آڏو جهُوپَن پرسان
بيمارين جا سَوَ شيطانَ
هَٿَ هَوا ۾ لهرائن ٿا.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

فون تي مونسان تي ڳالهائي
آهي پَر هُوءَ ڪيرَ
ويهي مان ويچارُ ڪيان ٿو.

مُنهنجي دل تي نقش ويا ٿي
ڪنهن جا آهن پيرَ
ويهي مان ويچارُ ڪيان ٿو.

تُنهنجي گهِٽيءَ ۾ روزُ اچڻ جي
چو تي آهي هيَر
ويهي مان ويچارُ ڪيان ٿو.

دروازي تي گُل پيا هِن
آيو آهي ڪيرُ سَويرَ
ويهي مان ويچارُ ڪيان ٿو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سکرَ وانگي آهيان مان
تُون آن روهڙيءَ جان
وِچَ ۾ پُلِ آ پِيارَ جي.

تُنهنجي مُنهنجي دوستي
آهي صَدين کان
وِچَ ۾ پُلِ آ پِيارَ جي.

پرين توکي پاڻَ کان
دُور نه سمجهان
وِچَ ۾ پُلِ آ پِيارَ جي.

خُوابَ اسان جا نسريا
ٻنهي ڪنڌين تان
وِچَ ۾ پُلِ آ پِيارَ جي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مسجد ۾ سانجهيءَ جو
ٽِمڪي تو ڏِيئو
مَتان چندُ ڏِسي پيو.

مَتان اَچي اڱڻَ ۾
پائين تُون ليئو
مَتان چندُ ڏِسي پيو.

اونداهيءَ جون چادرون
اوڙهي ٿا جِيئو
مَتان چندُ ڏِسي پيو.

اَکيُون اوتينديون اڃا
پِنبڻين مان پيئو
مَتان چندُ ڏِسي پيو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چندُ باڏَل سان ائين
جڻُ ڪي رُٺَل يارَ
پئجي ويا پاڪُرين.

پرسان ڏِسي سانوري
مُرڪي مينديءَ ڏارَ
پئجي ويا پاڪُرين.

سوڙهي گهِٽي سِڪَ جي
ءِ ٻئي گُنهگارَ
پئجي ويا پاڪُرين.

وِهاڻَي سانِ نندَ ۾
وينگس تُنهنجا وارَ
پئجي ويا پاڪُرين.

وچوڙي جي ماڳَ تي
روئي ٽيندي ڏارَ
پئجي ويا پاڪُرين.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پڙهندي ناريءَ کي
نندَ اَچي وئي
۽ بَتي ٻَرندي رَهي.

اونداهيءَ کي ڪيترا
ڏوراپـــــا ڏيئـــــي
۽ بَتي ٻَرندي رَهي.

روشنيءَ جا جيتڙا
سَڙي ويا ڪيئي
۽ بَتي ٻَرندي رَهي.

ڊائري ڏسندي اوچتو
سُڏڪن ۾ پيئي
۽ بَتي ٻَرندي رَهي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مُون لکيا تو لاءِ ها
پَر جڏهن توکي ڏٺائون
گيتَ سڀُ حيران ٿيا.

تُنهنجي چپڙن تي اچي
رنگُ ڪو اهڙو وٺائون
گيتَ سڀُ حيران ٿيا.

شاهہَ جي وائيءَ سنديون
سادڙيون پَسنديِ ادائون
گيتَ سڀُ حيران ٿيا.

عشق جي آوازَ تي
رقصَ ۾ آيون هَوائون
گيتَ سڀُ حيران ٿيا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شهرُ سَچو شيشا
پيرَ اُگهاڙا پيارَ جا.

نفرتُن جي لُڪَ ۾
ڏامَر جــــــا رستا
پيرَ اُگهاڙا پيارَ جا.

ريتُون هِن سَماجَ جُون
پٿـــــــر ۽ ڪنــدا
پيرَ اُگهاڙا پيارَ جا.

لَهوءَ ۾ هر جاءِ تي
رهيا رنگَ ۔ رَتا
پيرَ اُگهاڙا پيارَ جا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حالَ کھڙا ٿئي پرين
ڪيئن ٿي گُذري زندگي
ڪيرُ تو ڪنهن کان پُڇي.

روزُ ٿيون دليون ٽُٽَن
خُوابَ ڪن ٿا خودڪَشي
ڪيرُ تو ڪنهن کان پُڇي.

دشمنيءَ سان آ هُجوم
ڪيڏي تنها دوستي
ڪيرُ تو ڪنهن کان پُڇي.

ٿا پيا محبوب مُرڪن
دل جي ٿوڙي درسَني
ڪيرُ تو ڪنهن کان پُڇي.

ڏِسُ ڪَسَي محلاتُ پيو
جهوپڙين کان روشني
ڪيرُ تو ڪنهن کان پُڇي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سڀُ اَڳَرَ ٽَري ويا هِن
اڄُ مُنهنجي اندرَ جا
ڪُجهہُ گرمي ڏي مونکي.

ٿي ماڪَ وَسي مَن تي
ءُ برفَ سيپُئي جذبا
ڪُجهہُ گرمي ڏي مونکي.

جنهن آڳَ هُئي آچي
تُون ساڳي ناهين چا
ڪُجهہُ گرمي ڏي مونکي.

هر دردُ ڄَمي ويو آ
ٿي سردُ ويا سُڏڪا
ڪُجهہُ گرمي ڏي مونکي.

مان پاهڻُ ٿي نہ پَوان
تُون ٻاجهہَ مون تي ڪَر ڪا
ڪُجهہُ گرمي ڏي مونکي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پرينَ واري گهاٽَ تي
شامَ جو ڏيئا جَلائي
ڪامِڻيون ڪاڏي وَيون!

درسنيءَ جي دل اندر
دلبَريون پنهنجُون سَمائي
ڪامِڻيون ڪاڏي وَيون!

راڳَ کي روشن ڪري
روحَ جو رستو ٻڌائي
ڪامِڻيون ڪاڏي وَيون!

ڪيرَ جُون وڻيون ڀَري
پنهنجن اکين سان ورهائي
ڪامِڻيون ڪاڏي وَيون!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هَر ڏِسا ۾ لُڙڪ آهن
پوءِ به مان هِن زندگيءَ ۾
مُرڪَ کي ڳوليان پَيو.

ڪيترو پاڳَل آهيان جو
توبنا مان آرسيءَ ۾
مُرڪَ کي ڳوليان پَيو.

ڪيترن سالن کان مان
ڳوٺ جي هِن هَر گهِٽيءَ ۾
مُرڪَ کي ڳوليان پَيو.

هُو دُکي آهي ڪَوي
آءٌ هِن جي شاعريءَ ۾
مُرڪَ کي ڳوليان پَيو.

مون کان گُم آ تي وَئي
تُنهنجي مُک جي چاندنيءَ ۾
مُرڪَ کي ڳوليان پَيو.

ڳالهه وَئي وسري جو مان
دردَ ! تُنهنجي دوستِيءَ ۾
مُرڪَ کي ڳوليان پَيو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اجنبي ٿيندا وڃون ٿا
روزُ ٿا توڙي مِلون
هيءَ به ڪهڙي دوستيءَ آ.

جا اندرَ ۾ پيئي سُڏڪي
سا ٿَڌا اوري سَگهون
هيءَ به ڪهڙي دوستيءَ آ.

اوپريون ياسن نگاهُون
اوچتو جي ٿا ڏِسون
هيءَ به ڪهڙي دوستيءَ آ.

ڏينهنَ ٿيا جو پيارَ جي
لفظ لئہ پيا ٿا سِڪون
هيءَ به ڪهڙي دوستيءَ آ.

دوستَن جي گهرَ ڏي ويندي
جي لڳن ڳوريون وکون
هيءَ به ڪهڙي دوستيءَ آ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڄُ تہ پنهنجي وَس آ
چاهي سُياڻي
اَلائي ڪِهڙيون حالتُون!

دهشتگردي ديسَ ۾
اوچتو آڻي
اَلائي ڪِهڙيون حالتُون!

ٻَڌيون جوين ڏينهڙا
مُرڪن ۾ ماڻي
اَلائي ڪِهڙيون حالتُون!

ڏُونالي ڪو دوست جي
توتي ئي تاڻي
اَلائي ڪِهڙيون حالتُون!

پرين! ڇڏِ تُون پنهنجا
ڏکَ سيئي ڇاڻي
اَلائي ڪِهڙيون حالتُون!

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چيڪري چولي چُمي وَئي
پوپري تُنهنجو بَدن
سَمُند تي ايندي نہ ڪَر.

تنها ساحِل تي ڏسي
تو چَوي توڪي ڳگن
سَمُند تي ايندي نہ ڪَر.

هُو رهيو ناهي هِتي
هُن جو تُون توڙي وَچن
سَمُند تي ايندي نہ ڪَر.

رَيتَ ۾ سِپُن جيان تُون
ڇڏِ ڪري يادُون دَفن
سَمُند تي ايندي نہ ڪَر.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تو جي پَگهَرُ اُگهيو پِرين!
ٽِشُو پيپرَ ۾
ٿي وَئي سُرهاڻِ آ!

تُنهنجي اڇڻَ سان مُنهنجي
ٻُوساٽيل گهَر ۾
ٿي وَئي سُرهاڻِ آ!

تو هنيا چوٽيءَ ۾ گُلَ
پَر سڄي ٽر ۾
ٿي وَئي سُرهاڻِ آ!

پيرَ تو جنهن تي اُجاريا
اُنهيءَ پَٽر ۾
ٿي وَئي سُرهاڻِ آ!

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪراچيءَ جا ڏينهڙا
ءِ تُنهنجون مُرڪون
ڪِيئن تِيون وسري سگهن.

دوستَن جو گهاوَ تي
لُوڻَ جُون ٻُرڪون
ڪِيئن تِيون وسري سگهن.

تُنهنجي آڌو "صاحب" جُون
بي سبب ڇڙٻُون
ڪِيئن تِيون وسري سگهن.

لُنڊي واري شرت تي
اکين جُون ٽوڪون
ڪِيئن تِيون وسري سگهن.

جن تي بُوٽ گسي ويا
دُونهاٽيل سَڙڪون
ڪِيئن تِيون وسري سگهن.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڄُ ٻہ منهنجي مَن تي
ڇانئـــــــي تي مِـــــيران
ٿُون ئي سا آهين.

سَڀَئا مُنهنجي ساهَ جا
جُڙيا هِن جنهن سان
ٿُون ئي سا آهين.

اُپـــــــري اچان آءٌ ٿو
جنهن جي ڇهري مان
ٿُون ئي سا آهين.

لفظُ هـــڪڙو جنهن اڳيان
ڪُـجي ڪـينَ سگهان
ٿُون ئي سا آهين.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سائرن ايمبولينس جا
رُڪــو تــا وَڃـــن
شهرَ مٿان خاموشي آ.

ڪارا پاڇا ڏَپَ جا
گهٽين منجهه گهُمن
شهرَ مٿان خاموشي آ.

ڪرفيوءَ ۾ سُڪون سان
رستا ننڊون ڪَن
شهرَ مٿان خاموشي آ.

چنبيليءَ جي ٻوٽي مان
هاڻـــي بـــم ڦُـــٽن
شهرَ مٿان خاموشي آ.

مُونجها ماڻهو موتَ جو
پريـــنءَ جـــان پُڇَن
شهرَ مٿان خاموشي آ.

ڏُک پَسي ڌرتيءَ جا
تارا تا سُـــــــڏڪن
شهرَ مٿان خاموشي آ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماضيءَ جا ڪيئي
*لَڪي دَرَ تي
گيتَ لکيل آهن.

پيڙين جا ڳاتل
لهَرَ لهَرَ تي
گيتَ لکيل آهن.

بيوهہَ ۔ لڙڪن جا
ڪچي گهَرَ تي
گيتَ لکيل آهن.

باهہِ چيا ها جي
اڱر اڱر تي
گيتَ لکيل آهن.

پگهر پورهئي جا
هاريءَ هَرَ تي
گيتَ لکيل آهن.

*لکي در ۔ شڪارپور

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تُنهنجي اُماڻيل ڪارڊَ ۾
لڪيل چا ٻ هُيو
مُنهنجو مَن مُرڪيو.

دروازي جي اوٽَ مان
اڪين ڪُجهه چيو
مُنهنجو مَن مُرڪيو.

مُنهنجو شعري ڪتابُ تو
مون ڪان اچي گهُريو
مُنهنجو مَن مُرڪيو.

اڌري ڪنڀُ هو تُنهنجي
وارن ۾ اٽڪيو
مُنهنجو مَن مُرڪيو.

گُل چُمي هو تو جڏهن
مون ڏي ڪو اڇليو
مُنهنجو مَن مُرڪيو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تَر ۾ توهَر جان
پنهنجي جيون مان
دردَ تہ کُٽا ناهن.

پرين تُنهنجي ڇانوَ ۾
آءُ تہ مان مُرڪان
دردَ تہ کُٽا ناهن.

پنهنجي هِن سَماجَ ۾
پونگين جي پرسان
دردَ تہ کُٽا ناهن.

ڇالئہ مان مايُوس ٿي
وکَ وکَ تي وڍجان
دردَ تہ کُٽا ناهن.

توري ڏي تُون روشني
اوندھ سان اٽڪان
دردَ تہ کُٽا ناهن.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شهرَ جو دارُالاَمانُ
۽ هُو هيسيلَ چوڪري
ڏينهنَ تي وينني ڳٽي.

تُهمتُون تمغا ڪري جا
چاهہَ ۾ تي آ ڇَري
ڏينهنَ تي وينني ڳٽي.

سالَ تيا هُن کي وَئي
هُو اجان ڪولي ڏَري
ڏينهنَ تي وينني ڳٽي.

پائرن جي سوچَ آهي
”باهہِ ويندي ٻَري“
ڏينهنَ تي وينني ڳٽي.

خودڪَشي ويساهہ جي
ذهنَ تي آيس تَري
ڏينهنَ تي وينني ڳٽي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تُنهنجي سينڌ پِرين!
پيارَ ڏي ويندڙ ڪو
رَستو ڇڻُ آهي.

تُنهنجي مُنهنجي دِل ڏي
ساڳيو سمجهان ٿو
رَستو ڇڻُ آهي.

ائين لڳي ٿو مونکي
بدلـــــــيو مونکا تو
رَستو ڇڻُ آهي.

جنهن تان گُذرين تُون
روشنيءَ جـــــــو سو
رَستو ڇڻُ آهي.

زندگيءَ جو تو سِوا
مون لئہ ٿيو اوکو
رَستو ڇڻُ آهي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آدرشي! تُون اندرَ مان
پنهنجو سِجُ اُيار
ڪَهڙو ڪنهن تي پروَسو.

اُڏري پئي اکين جي
جوين متان جهارَ
ڪَهڙو ڪنهن تي پروَسو.

سهارن جي ڳولا ۾
وِڪَ هلڪي ڏارِ
ڪَهڙو ڪنهن تي پروَسو.

اُجرن ڇهرَن ڪي ڏسي
پيارُ نه پنهنجو وارِ
ڪَهڙو ڪنهن تي پروَسو.

ڏنڏلي جيونَ درسَني
اُتي پاڻُ اُجارِ
ڪَهڙو ڪنهن تي پروَسو.

انَ ڪَٽا تون جندَ ۾
پيهي وقتُ گُذار
ڪَهڙو ڪنهن تي پروَسو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏُور اجان چيلهارُ
جِيبِ وجي ٿي ٻوڙندي.

رستي ۾ بيهڻ کان
چڻُ تہ ڪري انڪارُ
جِيبِ وجي ٿي ٻوڙندي.

ڏسندو ئي رهجي ويو
پَڪي پرسان پارُ
جِيبِ وجي ٿي ٻوڙندي.

صادق ساڻُ سفر ۾
سُريلو فنڪارُ
جِيبِ وجي ٿي ٻوڙندي.

سهڪي سِجُ ڪري پيو
اونداهو اويارُ
جِيبِ وجي ٿي ٻوڙندي.

*صادق فقير ـ ٿر جو مشهور نوجوان راڳي، جيڪو مٺيءَ کان چيلهار سفر ۾ گڏُ هو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## وساريو نہ وڃجو (اڌل سومرو) موڪليندڙ: عبداللطيف انصاري سکر

مُنهنجي قدمن جا پرين!
ڪيئي لَڪَ نِشانَ
تُنهنجي گهَر جي رستي ۾.

ڏيئي جهڙي زندگي
جاڳن تا طُوفانَ
تُنهنجي گهَر جي رستي ۾.

سارا خُوابَ رُلي ويا
وڪريا سڀُ ارمان
تُنهنجي گهَر جي رستي ۾.

تو لئہ آندَل سوڪڙي
پورَ ٿيا گُلدان
تُنهنجي گهَر جي رستي ۾.

جيڪي تو مونسان ڪيا
مُرڪن ٿا احسان
تُنهنجي گهَر جي رستي ۾.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڄڻُ تہ پنهنجي خُوابَ وانگر
هو ٻهُو مونکي لَڳي
راتِ مون روهڙِي ڏِٺي.

ڇوڪريءَ جي وارڙن ۾
ڄڻُ تہ ڪا سُهڻي سَڱي
راتِ مون روهڙِي ڏِٺي.

ساهہَ ۾ ڪائي سِتارَ
سارَ ۾ ڪنهن جي وَڳي
راتِ مون روهڙِي ڏِٺي.

هرڻيءَ جهڙي دل منهنجي
وَئي هَٿن مان پَئي ڀَڳي
راتِ مون روهڙِي ڏِٺي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نفرتُن جي شهرَ ۾
پيارَ - پاڇو دوستو
مُون سان گڏُ هَلي پَيو.

ڇو انڌيرن کان ڊڄان
سُونهن تُنهنجو سوجهرو
مُون سان گڏُ هَلي پَيو.

سڀُ خُوشيون ٿَڪجي پَيون
دردُ هاڻي هيڪلو
مُون سان گڏُ هَلي پَيو.

تُون يلي سِجَ تاءُ ڪَر
هي وَڻن جو ڇانورو
مُون سان گڏُ هَلي پَيو.

وحشتُن جي واٽ تي
اڃان ٻه ٽورو ماڻهپو
مُون سان گڏُ هَلي پَيو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گيتَ گُونجن تا پيا
شاعرن جو قافلو
مُون سان گڏُ هَلي پَيو.

واٽَ ساري زلزلو
پوءِ بہ مُنهنجو حوصِلو
مُون سان گڏُ هَلي پَيو.
پکين آ پرياتِ جو
گيتُ ورجايو
تُون بہ جاڳي پَئُہ ڪٽي.

سُونهن تُنهنجي گهَر جو
درُ آ کَڙڪايو
تُون بہ جاڳي پَئُہ ڪَٽي.

سمندُ سُمهي ئي ڪينَ تو
بيڙين بُڏايو
تُون بہ جاڳي پَئُہ ڪٽي.

هڪڙي جهُوتي واءُ جي
جبلُ جاڳايو
تُون بہ جاڳي پَئُہ ڪٽي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خُوابَ ريڙهي تي رَکي
روزُ تو وِڪڻان پَيو.

ڪين تو ڪو اَگهُہ پُڇي
پيارَ جا پالي پَکي
روزُ تو وِڪڻان پَيو.

زندَگي چاچا گهُري تي
گيتَ پنهنجا اي سَکي!
روزُ تو وِڪڻان پَيو.

دردَ جي لَذت آ ڪيئن
تُون بہ تورو ڏِسُ چَکي
روزُ تو وِڪڻان پَيو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مُرڪندڙ پيارا مُسافِر
چار ڏينهن ترسي لَڏي
تُون هَليو وَئين اوچتو.

روئي راتين جو اُٿي
ڪوئي تو توکي سَڏي
تُون هَليو وَئين اوچتو.

ريشمي راهُون وٺي
خُوابَ هِتِ سارا ڇَڏي
تُون هَليو وَئين اوچتو.

دردُ جو سيني دلين ۾
ڳوٺُ هڪڙو نئون اڏي
تُون هَليو وَئين اوچتو.

لُڙڪ ها تُنهنجو وِڇوڙو
ڳُلَ ها تُنهنجي تَڏي
تُون هَليو وَئين اوچتو.

*مشهور ڪهاڻيڪار ۽ پياري دوست رفيق سومري جي نوجوان پُٽَ نديم سومري جي وفات تي لکيل.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جا پرينءَ جي لوءِ مان
ديس ۾ گُونجي هُئي
سا صَدا ڪاڏي وَئي.

جهُومندا ها سڀُ گُلابَ
۽ ڪجين سمجهي هُئي
سا صَدا ڪاڏي وَئي.

درد لئہ ڪوئي دِلاسو
پيارَ جي پونجي هُئي
سا صَدا ڪاڏي وَئي.

راڳَ جي رستي ڪان جا
ساهہ ۾ سهنجي هُئي
سا صَدا ڪاڏي وَئي.

هُئي تہ هڪڙي جي مگر
تُنهنجي ۽ مُنهنجي هُئي
سا صَدا ڪاڏي وَئي.

*سرمد سنڌيءَ جي وچوڙي تي لکيل.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پوپٽن جون محبتُون
۽ گُلن سان دوستي
شاعريءَ مونکي ڏني.

نانءُ منهنجو ڪونہ هو
شُهرتُن جي زندگي
شاعريءَ مونکي ڏني.

رڃَ جون ويرانيون
۽ بهارن جي چُمي
شاعريءَ مونکي ڏني.

نفرتُن ڪان نفرتُون
روحَ ۾ هيءَ تازگي
شاعريءَ مونکي ڏني.

پيارَ جُون چانڊوڪيون
۽ ڏُکن جي روشني
شاعريءَ مونکي ڏني.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بکر مان ڏسان ٿو پيو
سنڌوءَ جي اُداسيءَ کي
سَبُ لُڙڪَ سُڪي ويا هِن.

پاٽيءَ ڪان سِوا ٻيڙي
تنها پئي ٿي سُڏڪي
سَبُ لُڙڪَ سُڪي ويا هِن.

ٻيلو نہ اُهي ٻانيَڻ
ساڌو ٻہ نہَ ٿو سمجهي
سَبُ لُڙڪَ سُڪي ويا هِن.

هي گهاٽُ پرينءَ جو آ
پرَ پاڻَ آهي پرتَي
سَبُ لُڙڪَ سُڪي ويا هِن.

چوليون نہ اُهي ٻوليُون
هينئڙو ٿو پَيو تڙپي
سَبُ لُڙڪَ سُڪي وياهِن.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ادل سومري بابت مختلف اديبن جا رايا

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ادل سومرو

نئين ٿهيءَ جو اُهو شاعر آهي، جنهن فارسي ۽ اُردو وزن کي لَتَ هَڻي، شعري روايات جا سَمورا زنجيرَ ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ پنهنجو ترنُم، پنهنجي اندرَ جي آواز مان اُپاريو آهي. اڄڪلهه جَديد شاعرَ پاڻَ تي ڪو زنجيرُ رَکڻُ نہ ٿا چاهين. اُنهن جُون اکيون کُليل ۽ پير آزاد آهن. ادل سومرو انهن مان برکُ شاعر آهي.

شيخ اياز

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مُبارَڪ آهي اُهو ڏينهن، جنهن ڏينهن ادل سومرو ڄائو، جنهن ڏينهن پيتائي ڄائو، جنهن ڏينهن سَچلُ ڄائو. ادل اسان جي دؤر ۾ سنڌي شاعرن ۾ تمامُ سُٺو مقامُ هِن وقت بہ رکي ٿو ۽ پَڪَ آهي تہ اڳتي هَلي ادبي تاريخَ ۾ بہ رکندو.

**تنوير عباسي**

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ادل سومري جي شاعريءَ جي مٿان جيڪڏهن نالو نہ بہ لِکيل هُجي،
تڏهن بہ مان سُڃاڻي ويندُس تہ اِها ادل سومري جي شاعري آهي.

# امداد حُسيني

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ادل سومري جو ڪتابُ جڏهن مون ڏٺو ۽ غور سان پڙهيو ته مونکي لَڳو ته هڪ نئون ۽ مُنفرد آواز آهي. تمام خوبصورت ۽ اوريجنل جذبن سان اسان جي آڏو آيو آهي ۽ اسين اُن کي ڀليڪار چئون ٿا. ان قسم جي شاعريءَ جو ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ کپي.


**فهميده رياض**

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ادل سومري نہ صرف پنهنجي همعصرن ۾ هڪ اعليٰ مقامُ رکي ٿو، پر پاڻ کان ڪيترن سينيئر شاعرن کان بہ فَني، فڪري ۽ تخليقي طرح اڳتي نڪري، ڪَوتا ـ ڪيتر ۾ چندَ جي صورتَ اختيار ڪري چُڪو آهي.

**تاج جويو**

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com




**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com